ٽڪر $NQ \perp$ ٽڪر $MP$، $MQ = 9$،
$QP = 4$ ۽ $NQ$ لهو.



شڪل 2.17

3. شڪل 2.18 ۾ $\angle QPR = 90^\circ$،
ٽڪر $PM \perp$ ٽڪر $QR$ ۽ $Q-M-R$،
$PM = 10$، $QM = 8$ تہ $QR$ لهو.



شڪل 2.18

4. شڪل 2.19 ۾ △PSR ۾ ڏنل ڄاڻ موجب RP ۽ PS لهو.



شڪل 2.19

5. شڪل 2.20 ۾ ڏنل ڄاڻ موجب AB ۽ BC لهڻ لاءِ هيٺ ڏنل مشغولي پوري ڪريو



شڪل 2.20

$AB = BC$ ………. $\square$

$\therefore \quad \angle BAC = \square$

$\therefore \; AB = BC = \square \times AC$

$= \square \times \sqrt{8}$

$= \square \times 2\sqrt{2}$

$= \square$

6. هڪ چورس جو اُريب 10 س م آهي چورس جي پاسي جي ڊيگهه ۽ گرد ماپ لهو.

7. شڪل 2.21 ۾ $\angle DFE = 90^\circ$ ،
تڪر $FG \perp ED$ تڪر تہ $GD = 8, FG = 12$،
تہ (1) EG (2) FD ۽ (3) EF لهو.



شڪل 2.21

8. هڪ مستطيل جي ڊيگهه 35س م ۽ ويڪر 12 س م آهي تہ مستطيل جي اُريب جي ڊيگهه لهو

9.★ شڪل 2.22 ۾ M اِهو پاسي QR جو مڌيہ - ٽپڪو آهي.
$\angle PRQ = 90^\circ$ تہ ثابت ڪريو ،
$PQ^2 = 4PM^2 - 3PR$



شڪل 2.22

10.★ رستي جي ٻنهي طرفن عمارتن جون پيتيون هڪ ٻئي جي پوروچوت آهن 5.8 م ڊيگهه واري ڏاڪڻ جو هڪ چيڙو رستي تي رکڻ سان اُهو پهرين عمارت جي 4 م اوچائي تي لڳل دريءَ تائين پهچي ٿو ۽ رستي جي ٻئي پاسي اُهو چيڙو ٻي عمارت جي 4.2ميٽر اوچائي تي لڳل دريءَ تائين پهچي ٿو تہ رستي جي ويڪر لهو.



## ڄاڻي وٺون.

### پائٿاگورس سڏيان جو اُپيوگ

پائٿاگورس سڏيان ۾ گوني ڪنڊ ٽڪنڊي جي هيپاٽينيوز ۽ گوني ڪنڊ ٺاهيندڙ پاسن وچ ۾ لاڳاپو ٻڌايل آهي. ٽڪنڊي ۾ سوڙهي ڪنڊ جي سامهون وارن ٻن پاسن ۽ ويڪري ڪنڊ جي سامهون وارن ٻن پاسن جو لاڳاپو پائٿاگورس سڏيان موجب مقرر ڪري سگهجي ٿو. اِهو لاڳاپو هيٺ مثالن ۾ سمجهي وٺو.

مثال (1) $\triangle ABC$ ۾ $\angle C$ هڪ سوڙهي ڪنڊ آهي. ٽڪر $AD \perp BC$ ٽڪر

تہ ثابت ڪريو $AB^2 = BC^2 + AC^2 - 2BC \times DC$

ڏنل شڪل ۾ سمجهو، $AB = c$، $AC = b$، $AD = p$، $BC = a$، $DC = x$

$\therefore BD = a - x$

$\triangle ADB$ ۾ پائٿاگورس سڏيان موجب

$c^2 = (a-x)^2 + \square$

$c^2 = a^2 - 2ax + x^2 + \square$ .......... (I)

$\triangle ADC$ ۾ پائٿاگورس سڏيان موجب

$b^2 = p^2 + \square$

$p^2 = b^2 - \square$ .......... (II)




شڪل 2.23

(II) جو ملهہ، (I) ۾ وجهو،

$c^2 = a^2 - 2ax + x^2 + b^2 - x^2$

$\therefore c^2 = a^2 + b^2 - 2ax$

$\therefore AB^2 = BC^2 + AC^2 - 2BC \times DC$

مثال (2) $\triangle ABC$ ۾ $\angle ACB$ هڪ ويڪري ڪنڊ آهي.

ثابت ڪريو $AB^2 = BC^2 + AC^2 + 2BC \times CD$

سمجهو $AD = p,\ AC = b,\ AB = c,$

$BC = a,\ DC = x$

$DB = a + x$




شڪل 2.24

$\Delta ADB$ پائٿاگورس سڏيان موجب،

$c^2 = (a + x)^2 + p^2$

$c^2 = a^2 + 2ax + x^2 + p^2$ .......... (I)

ساڳئي نموني $\triangle ADC$ ۾ ،

$$b^2 = x^2 + p^2$$
$$p^2 = b^2 - x^2 \qquad .......... (II)$$

$\therefore$ (I) جو ملهه (II) ۾

$$\therefore c^2 = a^2 + 2ax + x^2 + b^2 - x^2$$
$$= a^2 + 2ax + b^2$$
$$\therefore AB^2 = BC^2 + AC^2 + 2BC \times CD$$

## اَپولونيس سڏيان (Appollonius' Theorem)

**$\triangle ABC$ ۾ ٽِڪو M اِهو پاسو BC جو مڌيہ ٽِڪو آهي تہ ثابت ڪريو $AB^2 + AC^2 = 2AM^2 + 2BM^2$**



شڪل 2.25

**ڏنل :** $\triangle ABC$ ۾ M اهو پاسو BC جو مڌيہ ٽِڪو آهي.

**ثابت ڪرڻ:** $AB^2 + AC^2 = 2AM^2 + 2BM^2$

**جوڙجڪ :** ٽڪر $BC \perp AD$ ٽڪر ڪيو.

**ثابتي :** ٽڪر AM، ٽڪر BC مٿان عمود نہ آهي تنهن ڪري $\angle AMB$ ويڪري ڪنڊ $\angle AMC$ سوڙهي ڪنڊ آهي مٿي ڏنل مثال (1) ۽ (2) مان

$$AB^2 = AM^2 + MB^2 + 2BM \times MD \; ..... (I)$$
$$AC^2 = AM^2 + MC^2 - 2MC \times MD$$ ۽
$$\therefore AC^2 = AM^2 + MB^2 - 2BM \times MD \; (\because BM = MC) \; .........(II)$$

$\therefore$ (I) ۽ (II) جوڙ ڪرڻ ،

$$AB^2 + AC^2 = 2AM^2 + 2BM^2$$

جيڪڏهن ٽڪر $AM\perp$ ٽڪر BC مٿان عمود هجي تہ سڏيان جي ثابتي توهان لکو.

هن مثال ذريعي ٽڪنڊي جي پاسن ۽ وچ جو لاڳاپو سمجهہ ۾ اَچي ٿو. انکي اپولونيس سڏيان چئجي ٿو.

**حل ڪيل مثال**

مثال(1) $\triangle PQR$ ۾، ٽڪر PM اِهو مڌيان آهي PM=9 ۽ $PQ^2 + PR^2 = 290$ تہ QR لهو.

حل : $\triangle PQR$ ۾، ٽڪر PM مڌيان آهي. M اهو ٽڪر QR مٿان مڌيہ - ٽِڪو آهي.

$$QM = MR = \frac{1}{2} QR$$

$PQ^2 + PR^2 = 2PM^2 + 2QM^2$ (اَپولونيس سڌيان موجب)

$$290 = 2 \times 9^2 + 2QM$$

$$290 = 2 \times 81 + 2QM^2$$

$$290 = 162 + 2QM^2$$

$$2QM^2 = 290 - 162$$

$$2QM^2 = 128$$

$$QM^2 = 64$$

$$QM = 8$$

$$\therefore \quad QR = 2 \times QM$$

$$= 2 \times 8$$

$$= 16$$




شڪل 2.26

مثال (2) پور پاسي چوڪنڊي (رامبس) جي اُريبن جي ٻي سگهہ جو جوڙ، اُنجي پاسن جي ٻي سگهہ جي جوڙ برابر هوندو آهي. اِهو ثابت ڪريو.




شڪل 2.27

ڏنل : PQRS هڪ پور پاسو چوڪنڊو آهي. اُريب PR ۽ اُريب SQ هڪ ٻئي کي T وٽ ڪپين ٿا.

ثابت ڪرڻ : $PS^2 + SR^2 + QR^2 + PQ^2 = PR^2 + QS^2$

ثابتي : پور پاسي چوڪنڊي جا اُريب هڪ ٻئي کي پورن اَڌن ۾ ڪپيندا آهن اَپولونيس سڌيان موجب

$$PQ^2 + PS^2 = 2PT^2 + 2QT^2 \text{ .......... (I)}$$

$$QR^2 + SR^2 = 2RT^2 + 2QT^2 \text{ .......... (II)}$$

∴ (I) ۽ (II) جوڙ ڪرڻ،

$$PQ^2 + PS^2 + QR^2 + SR^2 = 2(PT^2 + RT^2) + 4QT^2$$

$$\therefore PS^2 + SR^2 + QR^2 + PQ^2 = 2(PT^2 + PT^2) + 4QT^2 \text{ .......... } (RT = PT)$$

$$= 4PT^2 + 4QT^2$$

$$= (2PT)^2 + (2QT)^2$$

$$= PR^2 + QS^2$$

اِهو مثال پائٿاگورس جي سڌيان موجب بہ حل ڪري سگهجي ٿو.

## اَڀياس 2.2

.1 $\triangle PQR$، ٽڪنو S اِهو پاسو QR جو مڌيہ ٽڪنو آهي. PQ=11، PR=17، PS=13 تہ QR جي ڊيگهہ لهو.

.2 $\triangle ABC$ ۾ AB=10، AC=7، BC=9 تہ ٽڪنيC وٽان نڪتل مڌيان جي ڊيگهہ ڪيتري؟

.3 شڪل 2.28 ۾مڌيان PS ڏنل آهي $\triangle PQR$ ۾ $PT \perp QR$ تہ ثابت ڪريو .

$$(1)\ PR^2 = PS^2 + QR \times ST + \left(\frac{QR}{2}\right)^2$$

$$(2)\ PQ^2 = PS^2 - QR \times ST + \left(\frac{QR}{2}\right)^2$$




شڪل 2.28

.4 شڪل 2.29 ۾، $\triangle ABC$ ۾پاسي BCجو ٽڪنو M، اِهو مڌيہ ٽڪنو آهي.

$$AB^2 + AC^2 = 290$$

AM = 8 سم تہ BC لهو.




شڪل 2.29

.5★ 2.30 ۾ ٽڪنو T هڪ مستطيل PQRS ۾ ڏنل آهي تہ ثابت ڪريو

$$TS^2 + TQ^2 = TP^2 + TR^2$$




شڪل 2.30

(شڪل ۾ڏيکاريل A-T-B ليڪ ڪيو SR || AB هجي)

## گڏيل اَڀياس 2

.1 هيٺ ڏنل پهو - متبدل سوالن جي جوابن مان مناسب متبدل چونڊيو.

(1) هيٺ ڏنل ٽپڙن مان ڪهڙا پائٿاگورس جا ٽپڙا آهن؟

(A) (1, 5, 10) (B) (3, 4, 5) (C) (2, 2, 2) (D) (5, 5, 2)

(2) ڪوني ڪنڊ ٽڪنڊي ۾ڪوني ڪنڊ ٺاهيندڙ پاسن جي ٻي سگهہ جو جوڙ169 آهي تہ هئپاٽنيوز جي ڊيگهہ ڪيتري؟

(A) 15 (B) 13 (C) 5 (D) 12

(3) هيٺ ڏنل تاريخن مان ڪهڙا عدد پائٿاگورس ٽپڙي سان واسطو رکن ٿا؟

(A) 15/08/17 (B) 16/08/16 (C) 3/5/17 (D) 4/9/15

(4) پاس جي ڊيگهه a،b،cواري ٽڪنڊي ۾ $a^2 + b^2 = c^2$ آهي ته اُهو ٽڪنڊو ڪهڙي قسم جو آهي؟

(A) ويڪري ڪنڊ ٽڪنڊو (B) سوڙهي ڪنڊ ٽڪنڊو (C) گوني ڪنڊ ٽڪنڊو (D) ٽپور پاسو ٽڪنڊو

(5) هڪ چورس جو اُريب $10\sqrt{2}$س م آهي ته سندس گرد ماپ ........آهي .

(A) 10 س م (B) $40\sqrt{2}$ س م (C) 20 س م (D) 40 س م

(6) هڪ گوني ڪنڊ ٽڪنڊي ۾ هئپاٽينيوز مٿان نڪتل عمود، هئپاٽينيوز کي 4 س م ۽ 9 س م ۾ ورهائي ٿو ته عمود جي ڊيگهه ڪيتري؟

(A) 9 س م (B) 4 س م (C) 6 س م (D) $2\sqrt{6}$ س م

(7) گوني ڪنڊ ٺاهيندڙ پاسن جي ڊيگهه 24 س م ۽ 18س م آهي ته هئپاٽينيوز جي ڊيگهه ........... ٿيندي.

(A) 24 س م (B) 30 س م (C) 15 س م (D) 18 س م

(8) $\Delta ABC$ ۾، $AB = 6\sqrt{3}$ س م، $AC = 12$ س م ۽ $BC = 6$ س م ته $\angle A$ جي ماپ ڪيتري؟

(A) 30° (B) 60° (C) 90° (D) 45°

2. هيٺيان مثال حل ڪريو

(i) هڪ ٽپور پاسي ٽڪنڊي جو پاسو 2a آهي ته اُنجي اوچائي لهو؟

(ii) 7 س م، 24 س م، 25 س م پاسن وارو ٽڪنڊو گوني ڪنڊ ٽڪنڊو آهي ڇا؟

(iii) هڪ مستطيل جا پاسا 11 س م ۽ 60 س م آهي ته اُنجي اُريب جي ڊيگهه لهو؟

(iv) هڪ گوني ڪنڊ ٽڪنڊي جا پاسا 9 س م ۽ 12 س م آهن ته هئپاٽينيوز جي ڊيگهه لهو.

(v) هڪ ٻپور پاسي گوني ڪنڊ ٽڪنڊي جو پاسو ‘x’ آهي ته هئپاٽينيوز جي ڊيگهه لهو .

(vi) $\Delta PQR$ ۾ $PQ = \sqrt{8}$ ، $QR = \sqrt{5}$ ۽ $PR = \sqrt{3}$ ڇا اِهو ٽڪنڊو گوني ڪنڊ ٽڪنڊو آهي ڇا؟ اِن ۾ گوني ڪنڊ ڪهڙي آهي؟

3. $\Delta RST$ ۾ ، $\angle S = 90°$، $\angle T = 30°$، $RT = 12$س م، RS ۽ ST س م لهو.

4. هڪ مستطيل جي ايراضي 192 چ. س م آهي. اِن جي ڊيگهه 16 س م آهي ته مستطيل جي اُريب جي ڊيگهه لهو.

5★. هڪ ٽپور پاسي ٽڪنڊي جي اوچائي $\sqrt{3}$ س م آهي ته اُنجي پاسن جي ڊيگهه ۽ گرد ماپ لهو.

6. $\Delta ABC$ ۾ تڪر AP مڏيان آهي جيڪڏهن $BC = 18, AB^2 + AC^2 = 260$ ته AP لهو.

★7. $\triangle ABC$ هڪ ٽپور پاسو ٽڪنڊو آهي پايو BC تي ٽپڪو P اَهڙي نموني آهي جو $AB = 6\,PC = \frac{1}{3}\,BC$ س م ته AP لهو.




شڪل 2.31

8. شڪل 2:31 ۾ ڏنل ڄاڻ موجب ثابت ڪريو

$$PM = PN = \sqrt{3} \times a$$

9. ثابت ڪريو ته پوروچوٽ پاسي چوڪنڊي جي اُريبن جي ٻي سگهه جو جوڙ اُنجي پاسن جي ٻي سگهه جي جوڙ برابر آهي.

10. وَنيتا ۽ وجيه هڪ جڳهه کان اوڀر ۽ اُتر طرف ساڳيءَ رفتار سان روانا ٿيا. ٻن ڪلاڪن کان پوءِ اُنهن وچ۾ مفاصلو $15\sqrt{2}$ ڪ م هو ٻڌايو ته اُنهن جي ڪلاڪ ۾ رفتار ڪيتري؟




شڪل 2.32

★11. $\triangle ABC$ ۾ $\angle BAC=90^\circ$ تڪر BL ۽ تڪر CM اِهي $\triangle ABC$ جا مڏيان آهن ثابت ڪريو:

$$4(BL^2 + CM^2) = 5\,BC^2$$

12. هڪ پوروچوٽ پاسي چوڪنڊي جي لاڳيتي پاسن جي ٻي سگهه جو جوڙ 130 چ س م آهي اُنهن جي هڪ اُريب جي ڊيگهه 14 س م آهي ته ٻئي اُريب جي ڊيگهه لهو.




شڪل 2.33

13. $\triangle ABC$ ۾ تڪر $BC \perp$ تڪر AD
DB=3CD
ته ثابت ڪريو

$$2AB^2 = 2AC^2 + BC^2$$

★14. هڪ ٻپور پاسي ٽڪنڊي ٽهڪندڙ پاسن جي ڊيگهه 13 س م آهي ۽ پايو 10 س م آهي ته اُن ٽڪنڊي جي مڏياتن جي عام ٽپڪي کان پايي سامهون نڪتل عمود جي ڊيگهه لهو.

15. پور عمودي چوڪنڊي ABCD ۾
تڪر DC||AB تڪر
تڪر AD⊥ تڪر BD
تڪر BC⊥ تڪر AC
تہ AD = 15 ،BC = 15 ،AB = 25
A(□ABCD) تہ ڪيتري ؟



شڪل 2.34

16.[★] △PQR هڪ ٽيپور پاسو ٽڪنڊو آهي ٽپڪو S
اِهو تڪر QR مٿان اَهڙي نموني آهي جو
$QS = \frac{1}{3}$ QR ثابت ڪريو؛ $9\ PS^2 = 7\ PQ^2$



شڪل 2.35

17.[★] تڪر PM اِهو △PQR جي مڏيان آهي.PQ=40،PR42،PM=29 تہ QR لهو.

18. تڪر AM اهو △ABC جي مڏيان آهي AB=22،AC=34 ، BC=24 تہ AM جي ڊيگهہ لهو.

## ICT Tools or Links

ونڊوز اِنٽرنيٽ ايڪسپلور ۾ 'Story on the life of Pythagoras' ۾ پيون اَنٽر-ڪريائن جا ويڊيو ڏسو.
Slide Show تيار ڪريو . اَڳتي واري لنڪ ڏسو http://en.wikipedia.org/wiki/

RIG6I9

# 3 گول

## چاڪي وتون.

- هڪ ئي ٽيڪن مان لنگهندڙ گول
- قاطع ۽ ڇُهڻي
- ڇُهندڙ گول
- گول جو ڪمان
- اِرديل ڪنڊ. اَنترڇيديل ڪمان
- چڪرڪ (محدود) چوڪندو
- ڇهڻي - قاطع سڏيان
- انتر ڪپيندڙ زهہ سڏيان

## ذرا ياد ڪريو .

توهان ڪي گول جي ياڻن مرڪز، نيم قطر، قطر، زهہ، اَندريون حصو، ٻاهريون حصو اِنهن بابت توهان جي سني سڃاڻپ ٿي آهي ڻهڪندڙ گول، هم -مرڪزي گول ۽ ڪپيندڙ گول اِهي اِسم ياد ڪريو.




درجي نائين ۾سڪيل زهن جي خاصيتن ڪي هيٺ ڏنل مشغوليءَ جي مدد سان ياد ڪريو.

**مشغولي I :** پرواري شڪل ۾گول جو مرڪز C آهي. زهہ DE آهي زهہ DE ⊥ ٽڪر CF. قطر = 20 س م ، = 16 س م = (DE)1 تہ = (CF)1 = ___________




شڪل 3.1

اِن سوال ڪي حل ڪرڻ لاءِ مناسب سڏيان ۽ خاصيتون ڪم آڻي لکو.

(1) گول جي مرڪز ڪان زهہ تي نڪتل عمود ___________

(2) ___________

(3) ___________

مشغولي II : پرواري شڪل ۾ گول جو مرڪز O آهي. تڪر QR هڪ زهه آهي. P اِهو زهه QR جو مڌيہ ٽبڪو آهي. جيڪڏهن QR=24، OP=10 تہ گول جو نيم قطر لهو.




شڪل 3.2

اِهو سوال حل ڪرڻ لاءِ گُهربل سڏيان لکو.

(1) ______________________________

(2) ______________________________

اِهي سڏيان ڪم آڻي مثال حل ڪريو :

مشغولي III : گول جو مرڪز M شڪل ۾ ڏنل آهي. تڪر AB اِهو قطر آهي. زهه AD تڪر MS⊥ زهه MT⊥AC زهه $\angle DAB \cong \angle CAB$.

تہ ثابت ڪريو ; AD زهه ≅ زهه AC.




شڪل 3.3

اهو سوال حل ڪرڻ لاءِ هيٺ ڏنل سڏيانن مان ڪهڙو سڏيان واپرائبو؟

(1) گول ۾ جيڪڏهن ٻہ زهہ مرڪز کان هم مفاصلي آهن تہ اُهي زهہ نهڪندڙ هوندا آهن.

(2) گول ۾ نهڪندڙ زهہ مرڪز کان هم - مفاصلي هوندا آهن. اِن کان سواءِ ٽڪنڊن جي ڪهڙي آزمائش ڪم آڻبي؟

(1) پاسو-ڪنڊ-پاسو ، (2) ڪنڊ-پاسو - ڪنڊ ، (3) ڪنڊ-ڪنڊ-ڪنڊ ،

(4) ڪنڊ-ڪنڊ-پاسو ، (5) هئپاٽينيوز پاسو

مناسب ڪسوٽي ۽ سڏيان ڪم آڻي ثابتي لکو.



چاڻي وٺون.

## هڪ ٻہ، ٽي ٽبڪن مان لنگهندڙ گول

پر واري شڪل ۾ هڪ سطح ۾ ٽبڪو A ڏيکاريل آهي. R,Q,P مرڪزن وارا گول ٽبڪي A مان لنگهندڙ آهن. ٽبڪي A مان اَڃان ڪيترا گول لنگهي سگهبا. توهان کي ڇا ٿو لڳي؟ توهان جو جواب 'ڪيترا ٻہ' يا 'بي اَنت' اِهو آهي تہ توهان برابر آهيو.

هڪ ٽبڪي مان لنگهندڙ گول 'بي اَنت' هوندا آهن.




شڪل 3.4

پر واري شڪل ۾ A ۽ B اِنهن جدا جدا ٽپڪن مان لنگهندڙ ڪيترا گول ٿيندا؟ A,B,C اِنهن ٽنهي ٽپڪن مان لنگهندڙ گول ڪيترا ٿيندا؟



شڪل 3.5

**مشغولي I :** ٽپڪي A ۽ ٽپڪي B کي ڳنڍيندڙ ٽڪر AB ڪيو. اِن ٽڪر جو عمودي اَڌڪ ليڪ $l$ ڪيو ليڪ $l$ تي P ٽپڪو مرڪز ڪٽي ۽ نيم قطر PA ڪٽي گول ڪيو. اِهو گول B مان به لنگهي ٿو. اِن جو ڪارڻ ڳولهي لهو. (عمودي ليڪ جي خاصيت ياد ڪريو)



شڪل 3.6

ليڪ $l$ تي هڪ ٻيو ٽپڪو Q ڪڍو. ٽپڪو Q مرڪز ۽ نيم قطر QA ڪٽي گول ڪيو. ڇا اِهو گول B مان لنگهندو؟ ويچار ڪريو.

ٽپڪي A ۽ ٽپڪي B مان لنگهندڙ اَچا وڌيڪ ڪيترا گول نڪري سگهن ٿا؟ اُنهن جا مرڪز ڪٿي آهن.

**مشغولي II :** غير هم ليڪ ٽپڪا A,B,C لاءِ ڪيو. اِنهن ٽنهي مان لنگهندڙ گول ڪيڻ لاءِ ڇا ڪبو؟ اِنهن ٽنهي ٽپڪن مان لنگهندڙ گول ڪيو. اِنهن ٽنهي ٽپڪن مان اَچا هڪ گول ڪيڍي سگهبو ڇا؟ ويچار ڪريو.



شڪل 3.7

**مشغولي III :** هم ليڪ ٽپڪا D,E,F ڪڍو اِنهن ٽنهي ٽپڪن مان لنگهندڙ گول ڪيڻ جي ڪوشش ڪريو. اَهڙو گول نہ ڪيڍي سگهبو. ڇو نہ ڪيڍي سگهبو، اُن بابت ويچار ڪريو.



**اِهو ڌيان ۾ رکو.**

(1) هڪ ٽپڪي مان لنگهندڙ گول بيشمار هوندا آهن.

(2) ٻن جدا جدا ٽپڪن مان لنگهندڙ گول بيشمار هوندا آهن.

(3) ٽي غير هم ليڪ ٽپڪن مان هڪ ۽ فقط گول ڪيڍي سگهبو.

(4) ٽي هم ليڪ ٽپڪن مان هڪ ۾ گول نہ ڪيڍي سگهبو.

جاڻي وٺون.

## قاطع ۽ ڇهڪي (Secant and tangent)




شڪل 3.8

شڪل ۾ ليڪ $l$ ۽ گول ۾ ڪوبہ عام ٽٻڪو ڪونهي ليڪ m ۽ گول ۾ فقط هڪ ٽٻڪو عام آهي.

ليڪ m کي ڇهڪي ۽ ٽٻڪي n کي ڇيڙ - ٽٻڪو چئبو آهي. ليڪ n اِها گول کي ٻن ٽٻڪن Q ۽ R ۾ ڪپي ٿي ليڪ n کي قاطع چئبو آهي.

QR گول ۾ اَندر آهي اِهو گول جو زهہ آهي گول جي ڇهڪيءَ جي هڪ اَهميت واري خاصيت هڪ مشغوليءَ ذريعي سمجهنداسين.

**مشغولي :**

مرڪز O کڻي هڪ وڏو گول ڪيو. اُن ۾ هڪ نيم قطر OP ڪڍو. اِن نيم قطر جي عمود هڪ ليڪ ڪيو اِن ليڪ ۽ گول ڪپيندڙ ٽٻڪن کي A ۽ B نالو ڏيو. ويچار ڪريو. ليڪ AB اِها O کان P طرف آهستي آهستي سرڪندي وڃي جيئن اُها نئين حالت ۽ شروعاتي حالت، اهي پورڀچوت هجن مطلب ليڪ AB ۽ نيم قطر وچ ۾ هميشهہ گوني ڪنڊ هجي




3.9

ائين ڪندي A ۽ B هڪ ٻئي جي ويجهو ايندا وڃن ٿا. آخر ۾ اُهي ٽٻڪي P وٽ اَچي ملن ٿا ان حالت ۾ ليڪ AB اها گول جي ڇهڪي بڻجي پوي ٿي.

پر نيم قطر OP ۽ ليڪ AB وچ ۾ ڪنڊ گوني ئي رهي ٿي.

اِن مان سمجهہ ۾ اَچي ٿو تہ گول جي ڪنهن بہ ٽٻڪي وٽ ڇهڪي، نيم قطر جي ڇيڙ ٽٻڪي سان گوني ڪنڊ ٺاهي ٿي اِن کي ڇهڪي سڏيان چئبو آهي.

## چھٽي - نيم قطر سڌيان (Tangent theorem)

سڌيان : گول تي ڪنهن به ٽٻڪي وٽ ڇھٽي، نيم قطر تي ملائي ٽٻڪي وٽ عمود ٿئي ٿي.

**وڌيڪ ڄاڻ لاءِ :**

**ڏنل** : 'O' مرڪز واري گول ۾ ليڪ '$l$' A وٽ ڇُھي ٿي ٽڪر OA نيم قطر آھي.

**ثابت ڪرڻ** : نيم قطر OA ⊥ ليڪ $l$

**ثابتي** : سمجھو ته ليڪ $l$ ٽڪر OAتي عمود نہ آھي.

ٽٻڪيOوٽان ليڪ $l$ تي عمود ڪيو.

ٽٻڪو B اُن جو پايو آھي.




شڪل 3.10

اھو مڃيندي تہ ٽٻڪو A اِھو ٽٻڪي B کان جُدا آھي ليڪ $l$ تي ٽٻڪو C اَھڙي نموني

ڪڍو جيئن A-B-C ۽ BA = BC.

ھاڻي ، Δ OBC ۽ Δ OBA ۾.

ٽڪر BC ≅ ٽڪرBA..........

∠ OBC ≅ ∠OBA ..........

ٽڪر OB ≅ ٽڪرOB

∴ Δ OBC ≅ Δ OBA ..........

∴ OC = OA

پر ٽڪر OA تہ نيم قطر آھي

اِن ڪري ٽڪر OC پڻ نيم قطر آھي.

مطلب ٽٻڪو C اھو گول مٿان آھي

مطلب ليڪ $l$ اِھا گول کي A ۽ C اِنھيءَ ٻن ٽٻڪن وٽ ڇُھي ٿي

اِھو ڇھٽيءَ جي وصف ۾ اُبتر آھي.

اسان جو مڃڻ غلط آھي.

اِن ڪري ليڪ $l$ اھا نيم قطرOAجو عمود نہ آھي،

اِھو غلط آھي.

∴نيم قطر OA ⊥ ليڪ $l$




شڪل 3.11



## ذرا ياد ڪريو.




شڪل 3.12

گوني ڪُنڊ ٽڪنڊي ۾ هئپاٽينيوز وڏي ۾ وڏو پاسو هوندو آهي اِهو ڪهڙن ڪهڙن سڏيانن جي آڌار ۾ ثابت ڪري سگهجي ٿو؟



## چاڪي وٺون.

## ڇهنٽي نيم قطر سڏيان جو اُبتڙ (Converse of Tangent theorem)

**سڏيان :** گول جي نيم قطر تي سنڌس ٻاهرين پڇڙ وٽ ڏنل عمودي ليڪ اُن گول جي ڇهنٽي ٿئي ٿي.




شڪل 3.13

**ڏنل :** ٽٻڪو M گول جو مرڪز آهي. ٽڪر MN نيم قطر N ٽٻڪي وٽ ليڪ $l$ عمود آهي.

**ثابت ڪرڻ :** ليڪ $l$ اها گول جي ڇهنٽي آهي.

**ثابتي :** ليڪ $l$ ئي ٽٻڪي N کي ڇڏي ٻيو ٽٻڪو P ڪٽو. ٽڪر MP ڪيو.

هاڻي $\triangle MNP$ ۾ $\angle N$ گوني ڪنڊ آهي.

ٽڪر MP هئپاٽينيوز آهي.

ٽڪر MN > ٽڪر MP

مطلب ٽٻڪو P گول ئي تہ آهي.

ليڪ $l$ تي ٽٻڪي N کان سواءِ ٻيو ڪو بہ ٽٻڪو گول تي نہ آهي.

ليڪ $l$ اها گول جي هڪ ∴ ٽٻڪي وٽ ڇهي ٿي.

مطلب ليڪ $l$ گول جي ڇهنٽي آهي.



## اچو تہ ويچار ڪريون.




شڪل 3.14

مرڪز A هوندڙ گول تي ٽٻڪو B ڏنل آهي. اِن ٽٻڪي مان لنگهندڙ ڇهنٽي ڪيڏي آهي.
ٽٻڪي B مان بيشمار ليڪون لنگهي سگهجن ٿيون؟ اُنهن مان ڇهنٽي ڪهڙي ليڪ آهي؟ اِها ڪيئن ڪيڏبي، ڇا ٽٻڪي B مان هڪ کان وڌيڪ ڇهنٽيون نڪري سگهجن ٿيون؟

گول جي اندرين ڀاڱي ۾ 'C' اِن ٽپڪي مان ، اُن گول ڏانهن ڇهٽي ڪڍي سگهبي ڇا؟



شڪل 3.15

گول جي ٻاهرين پاسي ٽپڪي D مان گول ڏانهن ڇهٽي ڪڍي سگهجي ٿي ڇا؟
اهڙيون گهڻيون ڇهٽيون ڪڍيون وينديون شڪل مان ظاهر آهي ته گول ٻاهرين ڀاڱي جي ٽپڪي مان ٻه ڇهٽيون ڪڍي سگهجن ٿيون.
ير واري شڪل ۾ ليڪ DP ۽ ليڪ DQ اهي A مرڪز واري گول تي ٽپڪي P ۽ ٽپڪي Q وٽ ڇُهن ٿيون. اِنهن ٽڪرن DP ۽ DQ کي ڇهٽي ٽڪر چئجي ٿو.

## ڇهٽي ٽڪرن جو سڌيان (Tangent Segment Theorem)

**سڌيان : گول ۾ ٻاهر ورتل ٽپڪي مان گول طرف ڪيل ڇهٽي ٽڪر نهڪندڙ هوندا آهن.**

**ير واري شڪل لاءِ 'ڏنل' ۽ 'ثابتي' مقرر ڪريو**



شڪل 3.16

**ثابتي :** △PAD ۽ △QAD ۾

پاسو PA ≅ ________ (هڪ گول جا نيم قطر)

پاسو AD ≅ پاسو AD ________

∠APD ≅ ∠AQD = 90° ...... (ڇُهٽي سڌيان)

∴ Δ PAD ≅ Δ QAD ________

∴ پاسو DP ≅ پاسو DQ ________

**حل ٿيل مثال**



شڪل 3.17

**مثال (1)** D مرڪز واري گول ۾ ∠ACB = 52° CA ۽ BC اِهي ڇهٽيون آهن ته ∠ADB لهو.

**حل :** چوڪنڊي جي چئني ڪندن جي ماپن جو جوڙ 360°

$\therefore \angle ACB + \angle CAD + \angle CBD + \angle ADB = 360°$

$\therefore 52° + 90° + 90° + \angle ADB = 360°$ ............ (ڇُهٽي سڌيان)

$\therefore \angle ADB + 232° = 360°$

$\therefore \angle ADB = 360° - 232° = 128°$

مثال (2) ليڪ a ۽ ليڪ b اِهي O مرڪز واري گول تي سلسليوار P ۽ Q وٽ ڇهندڙ پوروڇوٽ ڇهڻيون آهن ثابت ڪريو تہ PQ اهو گول جو قطر آهي.



شڪل 3.18

ثابتي : ٽبڪي O وٽان هڪ ليڪ C ڪڍو جيڪا ليڪ a جي پوروڇوٽ هجي نيم قطر OP ۽ OQ ڪڍو.

$\angle OPT = 90°$ ..... (ڇهڻي سڌيان)

$\therefore \angle SOP = 90°$ .....(اَندريون ڪندون) .... (I)

ليڪ $a$ || ليڪ $c$ ..... (رچنا)

ليڪ $a$ || ليڪ $b$ ..... (ڏنل)

ليڪ $b$ || ليڪ $c$

$\angle OQR = 90°$ .....

$\therefore \angle SOQ = 90°$ ..... اندريون ڪندون .... (II)

$\therefore$ (I) ۽ (II) مان ،

$\angle SOP + \angle SOQ = 90° + 90° = 180°$

$\therefore$ ڪرڻو OP ۽ ڪرڻو OQ اهي مخالف ڪرڻا آهن.

$\therefore$ Q,O,P اهي هم ليڪ ٽبڪا آهن.

$\therefore$ ٽڪر PQ اهو قطر آهي.


قيٿن جي هلڻ جو طرف

برسات ۾ هلندڙ واهڻ ۾ ٽاير مان اُڏامندڙ پاڻيءَ جو نظارو توهان ڏٺو آهي اِهو گول ۽ ڇهڻيءَ وانگر توهان کي لڳي ٿو اِها وهڪ ڪيئن آهي اِهو وڳيان جي اُستاد کان ڄاڻ حاصل ڪريو.



اهو ڌيان ۾ رکو

(1) ڇهڻي سڌيان گول ڏانهن نڪتل ڇهڻي نيم قطر جي ڇيڙ وٽ عمود هوندي آهي.

(2) ڇهڻي سڌيان اُبتڙ گول جي نيم قطر جي ٻاهرين ملاقي ٽبڪي وٽ نڪتل عمود، اها ليڪ گول جي ڇهڻي هوندي آهي.

(3) گول جي ٻاهران ٽبڪي مان نڪتل ڇهڻي ٽڪر ٺهڪندڙ هوندا آهن.

## اَڀياس 3.1

1. پرواري شڪل ۾ گول جو مرڪز C آهي. گول جو نيم قطر 6 س م آهي. ليڪ AB اِهو گول تي ٽٻڪي A وٽ ڇُهي ٿو اِن جاڻ موجب، سوالن جا جواب ڏيو.



شڪل 3.19

(1) $\angle CAB$ جي ماپ ڪيتري؟

(2) ٽٻڪو C اهو ليڪ AB ڪان ڪيترو پري آهي؟

(3) $d(A,B)=6$ س م تہ $d(B,C)$ لهو.

(4) $\angle ABC$ جي ماپ ڪيتري؟

2. پر واري شڪل ۾ ٽٻڪي O مرڪز واري گول ڏانهن نڪتل ڇهٽي ٽڪر RM ۽ RN اهي نمبر وار M ۽ N وٽ ڇُهن ٿا جيڪڏهن QR=10س م ۽ گول جو نيم قطر 5 س م آهي تہ



شڪل 3.20

(1) هرهڪ ڇهٽي - ٽڪر جي ڊيگهہ ڪيتري ؟

(2) $\angle MRO$ جي ماپ ڪيتري؟

(3) $\angle MRN$ جي ماپ ڪيتري؟

3. ٽڪر RM ۽ ٽڪر RN اِهي O مرڪز واري گول جا ڇهٽي ٽڪر آهن تہ ثابت ڪريو تہ ٽڪر OR اِهو $\angle MRN$ ۽ $\angle MON$ جو اَڌڪ آهي.



شڪل 3.21

4. نيم قطر 4.5 س م واري گول ۾ بہ ڇهٽيون هڪ ٻئي جي پورچوٽ آهن تہ اُنهن ڇهٽين جي وچ ۾ مفاصلو لهو.

**ICT Tools or Links**

ڪمپيوٽر تي جيئو جبرا اُن Software مدد سان گول ۽ گول ٻاهران ٽٻڪي مان ڇهٽيون ڪڍو. ڇا ڇهٽِي ٽڪِر نهڪندڙ آهي؟ اِن جي جاچ ڪريو.

جاڻي وٺون.

## ڇُهندڙ گول (Touching Circles)

**مشغولي I :**

X-Y-Z اِهي هم ليڪ جو ٽپڪا آهن مرڪز X ۽ نيم قطر XY کڻي هڪ گول ڪڍو. مرڪز Z ۽ نيم قطر YZ ڪڍي، هڪ ٻيو گول ڪڍو. اهي ٻئي گول هڪ ٻئي کي Y ٽپڪي وٽ ڇُهن ٿا. ٽپڪي Y وٽان هڪ ليڪ ڪڍو اها YZ ڪي عمود هجي. اها ليڪ ٻنهي گولن جي عام ڇهڻي آهي اهو ڌيان ۾ رکو.




شڪل 3.22

**مشغولي II :**

شڪل 3.23 ۾ X-Y-Z اِهي هم ليڪ ٽپڪا آهن مرڪز Z ۽ نيم قطر YZ کي کڻي هڪ گول ڪڍو اهي ٻئي گول ٽپڪي Y وٽ هڪ ٻئي کي ڇُهن ٿا اهو آزمودو وٺو. ٽپڪي Y مان لنگهندڙ هڪ ليڪ ڪڍو جا ٽڪر YZ تي عمود هجي.




شڪل 3.23

اها ليڪ ٻنهي گولن جي عام ڇهڻي آهي. اهو ڌيان ۾ رکو.
مٿي ڏنل مشغولِيون مان ظاهر آهي ته ٻنهي شڪلين ۾ ٻہ ئي گول هڪ سطح ۾ آهن ۽ هڪ ٻئي کي ساڳئي ٽپڪي وٽ ڇهن ٿا. اِنهن کي ڇهندڙ گول چئبو آهي.

هڪ ئي سطح ۾ ٻہ گول جنهن ٽپڪي تي ملن ٿا اُن مان لنگهندڙ ليڪ ٻنهي گولن جي عام ڇهڻي آهي ۽ اِن عام ٽپڪي کي ڇهڻي ٽپڪو چئبو آهي.




شڪل 3.25




شڪل 3.24

شڪل 3.24 ۾ مرڪز R ۽ S وارن گولن کي $l$ ليڪ کي هڪئي ٽيڪي T وٽ ڪپي ٿي. مطلب اها $l$ ليڪ ٻنهي گولن جي عام ڇهٽي آهي انهن کي ٻاهران ڇهندڙ گول چئبو آهي.

شڪل 3.25 ۾ ليڪ P ٻنهي گولن جي عام ڇهٽي آهي اهي اندريان ڇهندڙ جي گول آهن.

**اچو ته ويچار ڪريون**

(1) شڪل 3.24 ۾ گولن کي ٻاهرن ڇهندڙ گول ڇو ٿو چئجي؟

(2) شڪل 3.25 ۾ گولن کي اندران ڇهندڙ گول ڇو ٿو چئجي؟

(3) 3.26 ۾ مرڪز A ۽ مرڪز B وارن جا نيم قطر نمبر وار 3 س م ۽ 4 س م هوندا ته

(i) شڪل 3.26(a) ۾ d(A,B)= ڪيترو؟

(ii) شڪل 3.26(b) ۾ d(A,B)= ڪيترو؟

## ڇهندڙ گول سڌيان (Theorem of touching circles)

سڌيان : جيڪڏهن ٻه گول ڇهندڙ گول آهن ته پوءِ ڇهڻ ٽيڪو ٻنهي گولن جي مرڪزن کي ملائيندڙ ليڪ تي هوندو آهي.




(b)




(a)

شڪل 3.26

**ڏنل** : مرڪز A ۽ مرڪز B وارن گولن ڇهڻ ٽپڪو C آهي.

**ثابت ڪرڻ** : ته ٽپڪو C اهو ليڪ AB تي آهي.

**ثابتي** : سمجهو ليڪ $l$ اها C مان لنگهندڙ ٻنهي گولن جي عام ڇهڻي آهي.

ٽڪر $BC \perp$ ليڪ ٽڪر $AC \perp$ ليڪ ٽڪر AC ۽ ٽڪر BC اِهي ليڪ تي عمود آهن. ∴

ٽپڪي C وٽان ليڪ ڏانهن فقط هڪ ئي عمود ڪڍي سگهبو. اِن ڪري ٽپڪا B,A,C اهي هم ليڪ ٽپڪا آهن.

### اهو ڌيان ۾ رکو

(1) هڪ ٻئي کي ڇهندڙ گولن جو ڇهڻ ٽپڪو اُنهن گولن جي مرڪزن کي ملائيندڙ ليڪ تي هوندو آهي.

(2) ٻاهران ڇهندڙ گولن ۾ مرڪزن جو مفاصلو اُنهن جي نيم قطرن جي زور برابر هوندو آهي.

(3) اندريان ڇهندڙ گولن ۾ مرڪزن جو مفاصلو اُنهن جي نيم قطرن جي ڪٽ برابر هوندو آهي.

## اڀياس 3.2

1. هڪ ٻئي کي اندريان ڇهندڙ گولن جا نيم قطر نمبر وار 3.5 س م ۽ 4.8 س م آهن. اُنهن جي مرڪزن جو مفاصلو ڪيترو؟

2. ٻاهريان ڇهندڙ گولن جا نيم قطر نمبر وار 5.5 ۽ 4.2 س م آهن ته اُنهن جي مرڪزن جو مفاصلو ڪيترو؟

3. نيم قطر نمبروار 4 س م ۽ 2.8 س م ڪٽي ٻاهران ڇهندڙ گول ۽ اندريان ڇهندڙ گول ڪيڊو.

4. شڪل 3.27 ۾ مرڪز P ۽ مرڪز Q وارا گول هڪ ٻئي کي R تي ڇهن ٿا ٽپڪي R مان لنگهندڙ ليڪ اُنهن گولن کي نمبروار A ۽ B وٽ ڪپي ٿي ته

(1) ثابت ڪريو ٽڪر AP || ٽڪر BQ

(2) $\triangle APR \sim \triangle RQB$ ثابت ڪريو

(3) جيڪڏهن $\angle PAR = 35^\circ$ ته $\angle RQB$ جي ماپ لهو.




شڪل 3.27

5. شڪل 3.28 ۾ مرڪز A ۽ مرڪز B وارا گول هڪ ٻئي کي ٽپڪي E وٽ ڇهن ٿا. ليڪ $l$ اها عام ڇهڻي اُنهن کي نمبروار C ۽ D وٽ ڇهي ٿي. جيڪڏهن گولن جا نيم قطر نمبر وار 4 س م ۽ 6 س م آهن ته ٽڪر CD جي ڊيگهه ڪيتري ٿيندي؟




شڪل 3.28



## ذرا ياد ڪريو.

### گول جي ڪمان (Arc of a circle)




شڪل 3.29

قاطع ڪري گول ٻن حصن ۾ ورهائجي ٿو اِن مان ڪوبه هڪ حصو ۽ قاطع جي عام ٽٻڪن سان گڏ نهيل شڪل کي ڪمان چئبو آهي. جن ٽٻڪن تي قاطع گول کي ڪپي ٿي. اُنهن کي ڇيڙ ٽٻڪا چئبو آهي.

شڪل 3.29 ۾ قاطع K، C مرڪز واري گول کي ڪپي ٻه ڪمائون AYB ۽ AXB تيار ڪري ٿي.

جنهن ڪمان پاسي مرڪز هجي اُن کي وڏي ڪمان چئبو آهي۽ اُن جي مخالفت ڪمان کي ننڍي ڪمان چئبو آهي.

شڪل 3.29 ۾ AYB اها وڏي ڪمان آهي ۽ AXB اها ننڍي ڪمان آهي. عام طور ڪمان کي ٽن اکرن سان لکبو آهي جيئن مونجهه نه ٿئي پر ننڍي ڪمان ٻه اکر ڇيڙ ٽٻڪا ڪم آڻي سگهون ٿا مثال ڪمان AXB کي ڪمان AB لکي سگهجي ٿو اسان ڪمان لکڻ لاءِ اهو طريقو ڪم آڻيندا آهيون.

### مرڪزي ڪنڊ (Central angle)




شڪل 3.30

جنهن ڪنڊ جو نوڪي ٽٻڪو گول جي مرڪز تي هوندو آهي اُن کي مرڪزي ڪنڊ چئبو آهي.

شڪل 3.30 گول ۾ جو مرڪز O آهي. $\angle AOB$ هڪ مرڪزي ڪنڊ آهي قاطع وانگر ٿي مرڪزي ڪنڊ ڪري گول ٻن ڪمانن ۾ ورهائجي ٿو.

### ڪمان جي ماپ (Measure of an arc)

ڪيترائي دفعا ٻن ڪمانن جي ڀيٽ ڪرڻي پوندي آهي. اُن ڪمانن جي ماپ اڳتي سمجهايل آهي.

(1) ننڍي ڪمان جي ماپ اُن جي نسبتي مرڪزي ڪنڊ جي برابر هوندي آهي.

شڪل 3.30 ۾ مرڪزي ڪنڊ $\angle AOB$ اُن جي ماپ $\theta$ آهي تہ ننڍي ڪمان APB جي ماپ $\theta$ آهي.

(2) وڏي ڪمان جي ماپ = نسبتي ڪنڊ جي ماپ - $360^\circ$

(3) اڌ گول ڪمان مطلب اڌ گول جي ماپ $180^\circ$ آهي.

(4) سڄي گول جي ماپ $360^\circ$ هوندي آهي.

چاڪي وٺون.

## ڪمانن جو ٺهڪڻ (Congruence of arcs)

جڏهن بہ سطحي شڪلون هڪ ٻئي سان پوري طرح سان ٺهڪي اچن تہ اُن کي ٺهڪندڙ شڪليون چئبو آهي. اها ويچار ڌارا ڪم آڻي ساڳئي ماپ وارين ڪنڊن کي ٺهڪندڙ ڪنڊون چئبو آهي. ساڳئي نموني جيڪڏهن ٻن ڪمانن جون ماپون برابر آهن تہ اُهي ڪمان ٺهڪندڙ هونديون ڇا؟

اِن سوال جو جواب اڳي ڏنل مشغولي ڪري ڳولهيو.

**مشغولي :**

شڪل 3.31 ۾ هڪ 'C' مرڪز وارا بہ گول ڪيو. $\angle DCE$ ۽ $\angle FCG$ اهي ساڳئي ماپ واريون ڪنڊون ڪيو. اِنهن ڪنڊن جي ماپن ۾ پيٽ ۾ جدا ماپ واري $\angle ICJ$ ڪيو. $\angle DCE$ جي پاسن ۾ سمايل ڪمان کي AB نالو ڏيو.

ڪمانن جي ماپن جي وسف موجب ڪمان AB ۽ ڪمان DE جون ماپون ساڳيون آهن. اهو ڌيان ۾ آيو ڇا؟

اهي ٻئي ڪمانون هڪ ٻئي سان ٺهڪي اچن ٿيون ڇا؟




شڪل 3.31

پڪ سان ٺهڪي نہ ٿيون اچن. هاڻي C-DE، C-GF ۽ C-IJ اهي ٽڪرا ڪپيو. هڪ ٻئي سان ٺهڪندڙ DE، GF ۽ IJ ڪمانن مان ڪهڙيون ڪمانون هڪ ٻئي سان پوري طرح سان ملن ٿيون. اِن مشغولي موجب بہ ڪمانون ٺهڪندڙ هجڻ اُن جي لاءِ ضروري نہ آهي تہ اُهي هڪ ٻئي سان پوري طرح ٺهڪي اچن.

ٻن ڪمانن جي ٺهڪڻ لاءِ ٻي ڪهڙي شرط هئڻ گهرجي؟ مٿي ڏنل مشغولي مان ڌيان ۾ اچي ٿو.

**ٻن ڪمانن جا نيم قطر ۽ اُن جون ماپون برابر آهن تہ اُهي ڪمانون ٺهڪندڙ هونديون آهن ڪمان** DE ۽ ڪمان GF اهي ٺهڪندڙ آهن اِهو نشانين ۾ لکبو آهي. ڪمان GF $\cong$ ڪمان DE

## کمانن جي ماپن جي جوڙ جي خاصيت (Property of sum of measures of arcs)



شڪل 3.32

شڪل 3.32 ۾ ٽِڪا D,C,B,A گول تي ڏنل آهن. انهن ٽِڪن مان ڪيترين ئي ڪمانون تيار ٿين ٿيون. اِنهن مان ڪمان ABC ۽ ڪمان CDE ۾ ٽِڪو C عام ٽِڪو آهي. مطلب ڪمان ABC ۽ ڪمان CDE جي ماپن جو جوڙ ڪمان ACE جي ماپ برابر ٿيندو .

$$m(\text{arc ABC}) + m(\text{arc CDE}) = m(\text{arc ACE})$$

پر ڪمان ABC ۽ ڪمان BCE ۾ هڪ کان وڌيڪ عام ٽِڪا آهن. اِن ڪري ڪمان ABC ۽ ڪمان BCE اِنهن جي ماپن جو جوڙ ڪمانABE جي ماپ برابر نہ ٿيندو.

**سڌيان : هڪ ئي گول (يا ٺهڪندڙ گولن ۾) ٺهڪندڙ ڪمانن جا نسبتي زهہ ٺهڪندڙ هوندا آهن.**

**ڏنل** : گول جو مرڪز B آهي. ڪمان DQE ≅ ڪمان APC

**ثابت ڪرڻ تہ** : زهہ DE ≅ زهہ AC

**ثابتي** : خال ڀري ثابتي پوري ڪريو

$\triangle ABC$ ۽ $\triangle DBE$ ۾

پاسو AB ≅ پاسو DB .....(......................)

پاسو .... ≅ پاسو .....(......................)

$\angle ABC \cong \angle DBE$ ..... (ٺهڪندڙ ڪمان وصف)

$\therefore \triangle ABC \cong \triangle DBE$ ..... (......................)

∴ زهہ AC ≅ زهہ DE .....(......................)



شڪل 3.33

**سڌيان : هڪ ئي گول (يا ساڳين گولن)۾ ٺهڪندڙ زهن جو نسبتي ڪمانون ٺهڪندڙ هونديون آهن.**

**ڏنل :** گول جو مرڪز O آهي.

زهہ RS ≅ زهہ PQ

**ثابت ڪرڻ تہ:** ڪمان RNS ڪمان PMQ

اَڳتي ويچار ڪري ثابتي لکو ٻن ڪمانن جي ٺهڪڻ لاءِ اُنهن جا نيم قطر ۽ ماپون برابر هئڻ گهرجن ڪمان PMQ ۽ ڪمان RNS اِهي ساڳئي گول جون ماپون آهن اِن ڪري انهن جا نيم قطر ساڳيا آهن.



شڪل 3.34

اِنهن ڪمانن جون ماپون اُنهن جي نسبتي مرڪزي ڪنڊن جي برابر هونديون آهن اِنڪري نيم قطر OP، OQ، OR ۽ OS ڪيو.

$\triangle OPQ$ ۽ $\triangle ORS$ ٺهڪندڙ آهن ڇا؟ مٿيان ٻئي سڏيان توهان ٺهڪندڙ ڳول ڪٽي ثابت ڪريو.

**ويچار ڪريو**

- مٿين سڏيانن مان پهرين ۾ ڪمان APC ۽ ڪمان DQE اِهي ننڍيون ڪمانون ٺهڪندڙ ثابت ڪيون آهن اُنهن جون نسبتي وڏيون ڪمانون ٺهڪندڙ ثابت ڪري سگهجن ٿيون ڇا؟
- ٻئين سڏيان ۾ ٺهڪندڙ زهن جون نسبتي وڏيون ڪمانون ٺهڪندڙ هونديون ڇا؟ جيڪڏهن زهه PQ ۽ زهه RS اِهي قطر هوندا ته سڏيان صحيح آهن ڇا؟

**حل ڪيل مثال**

**مثال (1)** O مرڪز واري ڳول تي A,B,C ٽپڪا آهن.

(i) اِنهن ٽن ٽپڪن وسيلي تيار ٿيندڙ سڀ ڪمانن جا نالا لکو

(ii) ڪمان BC ۽ ڪمان AB جون نمبروار ماپون 110° ۽ 125° آهن ته بچيل ڪمانن جون ماپون لکو.




شڪل 3.35

**حل :** (i) ڪمان AB، ڪمان BC، ڪمان AC، ڪمان ABC ، ڪمان ACB، ڪمان BAC

$$\text{(ii)}\ m(\text{arc } ABC) = m(\text{arc } AB) + m(\text{arc } BC)$$
$$= 125^\circ + 110^\circ = 235^\circ$$
$$m(\text{arc } AC) = 360^\circ - m(\text{arc } ABC)$$
$$= 360^\circ - 235^\circ = 125^\circ$$
$$m(\text{arc } ACB) = 360^\circ - 125^\circ = 235^\circ$$
$$m(\text{arc } BAC) = 360^\circ - 110^\circ = 250^\circ$$

(2) شڪل 3.36 ۾ گول جو مرڪز T آهي. مستطيل PQRS گول ۾ اِرديل آهي. ثابت ڪريو



شڪل 3.36

(i) ڪمان SR ≅ ڪمان PQ

(ii) ڪمان PQR ≅ ڪمان SPQ

حل : PQRS □ مستطيل آهي.

∴ زهه PQ ≅ زهه SR ....... (مستطيل جا مخالف پاسا)

∴ ڪمان PQ ≅ ڪمان SR ...... (ٺهڪندڙ زهن جو نسبتي ڪمانون)

زهه PS ≅ زهه QR ..... (مستطيل جا مخالف پاسا)

∴ ڪمان SP ≅ ڪمان QR ..... (ٺهڪندڙ زهن جون نسبتي ڪمانون)

∴ ڪمان SP ۽ ڪمان QR جون ماپون ساڳيون آهن.

$$m(\text{arc } SP) + m(\text{arc } PQ) = m(\text{arc } PQ) + m(\text{arc } QR)$$

$$\therefore\ m(\text{arc } SPQ) = m(\text{arc } PQR)$$

$$\therefore \text{arc } SPQ \cong \text{arc } PQR$$



**ڌيان ۾ رکو**

(1) جن ڪنڊن جا نوڪي ٽِڪا گول جي مرڪز تي هوندا آهن اُنهن کي مرڪزي ڪنڊون چئبو آهي.

(2) ڪمان - ماپ وصف (i) ننڍي ڪمان جي ماپ = نسبتي مرڪزي ڪنڊ ماپ

(ii) وڏي ڪمان ماپ = نسبتي ڪنڊ ماپ ـ 360° (iii) اَڌ گول ماپ = 180°

(3) ہِن گول جي ڪمانن جا نيم قطر ۽ ماپون برابر تہ اُهي ڪمانون ٺهڪندڙ آهن.

(4) جيڪڏهن ڪمان ABC ۽ ڪمان CDE ۾ فقط C ٽِڪو ئي عام آهي تہ

$$m(\text{arc } ABC) + m(\text{arc } CDE) = m(\text{arc } ACE)$$

(5) هڪ گول (يا ٺهڪندڙ گولن ۾) ٺهڪندڙ ڪمانن جا نسبتي زهہ ٺهڪندڙ هوندا آهن.

(6) هڪ گول (يا ٺهڪندڙ گولن ۾) ٺهڪندڙ زهن جون نسبتي ڪمانون ٺهڪندڙ هونديون آهن.

## اَڀياس 3.3



شڪل 3.37

1. شڪل 3.37 ۾ گول جو مرڪز C آهي. گول تي F,E,D,G ٽِڪا آهن. ∠ECF جي ماپ 70° ۽ ڪمان DGF جي ماپ 200° آهي تہ ڪمان DE ۽ ڪمان DEF اِنهن جون ماپون لهو.

2*. شڪل 3.38 ۾ هڪ گول ۾ ٽيپور پاسو ٽڪنڊو
$\triangle QRS$ اِرديل آهي.
ته ثابت ڪريو :
(i) ڪمان QR $\cong$ ڪمان QS $\cong$ ڪمان RS
(ii) ڪمان QRS جي ماپ $240^\circ$ آهي.



شڪل 3.38

3. شڪل 3.39 ۾،
زهه CD $\cong$ زهه AB
ته ثابت ڪريو :
ڪمان BD $\cong$ ڪمان AC



شڪل 3.39


چاڪي وٺون.

گول ۾ ٽيڪو، گول ۾ ليڪ (ڇهڻي) اِنهن وچ ۾ لاڳاپي بابت آسان ڪجهه خاصيتون ڏنيون آهن. هاڻي گول ۾ ڪنڊ وچ ۾ ڪجهه خاصيتن جو اَڀياس ڪنداسين. مشغوليون رستي اِهي خاصيتون سمجهنداسين.

**مشغولي I :**
مرڪز C کڻي هڪ وڏو گول ڪڍو. شڪل 3.40 موجب زهه AB ڪڍو مرڪزي ڪنڊ ACB ڪڍو زهه AB واري وڏي ڪمان مٿان ٽيڪو D ۽ ننڍي ڪمان مٿان ٽيڪو E کڻو

(1) $\angle ADB$ ۽ $\angle ACB$ ماپيو اِنهن جون ماپون ڀيٽيو.
(2) $\angle ADB$ ۽ $\angle AEB$ ماپيو اِنهن ماپن جو جوڙ ڪري ڏسو.



شڪل 3.40

(3) ڪمان ADB مٿان H,G,F اِهي ٽِڪا ڪڍو. $\angle AFB$, $\angle AGB$, $\angle AHB$ ڪُنڊن جون ماپون لهو. اِنهن ماپن جي $\angle ADB$ ماپ سان ڀيٽ ڪريو.

(4) ڪمان $\angle AEB$ مٿان هڪ ٽِڪو I ڪڍو $\angle ACB$ ماپي اُن جي $\angle AEB$ سان ڀيٽ ڪريو اِن مشغوليءَ مان هيٺيان نتيجا نڪرندا.

(1) $\angle ACB$ جي ماپ $\angle ADB$ کان ٻيڻي آهي.

(2) ADB ۽ AEB اِنهن جي ماپن جو جوڙ $180°$ آهي.

(3) $\angle AHB$, $\angle ADB$, $\angle AFB$, $\angle AGB$ اِنهن سڀني جون ماپون ساڳيون آهن.

(4) AEB ۽ AIB اِنهن جي ماپ ساڳئي آهي.

**مشغولي II :**




شڪل 3.41

'C' مرڪز کڻي هڪ وڏو گول ڪڍو. ٽُڪر PQقطر ڪيو. اِن قطر ڪري تيار ٿيل اَڌ گولن مان ٽِڪا T,S,R ڪڍو. $\angle PRQ$, $\angle PSQ$, $\angle PTQ$ ماپيو. اِنهن مان هرهڪ ڪهڙي ڪُنڊ آهي ڇا؟

مٿي ڏنل مشغولين مان حاصل ٿيل خاصيتن جو مطلب گول ۽ ڪنڊ لاڳاپي بابت سڏيان آهي. اِن سڏيان کي اَسان ڏسون پوءِ وڏيڪ اسم سڃاڻي سگهنداسين

## اِرديل ڪنڊ (Inscribed angle)




شڪل 3.42

شڪل 3.42 ۾ گول جو مرڪز C آهي. PDQ جو نوڪي ٽِڪو D گول مٿان آهي. ڪنڊ جا ٻاسا DP ۽ DQ گول کي نمبروار A ۽ B وٽ ڪپين ٿا. اِن ڪنڊ کي گول ۾ اِرديل ڪنڊ چئبو آهي.

شڪل 3.42 ۾ ADB اِها ڪمان ADB ۾ اِرديل آهي.

## اَنٽر ڇيديل ڪمان (Intercepted arc)

هيٺ ڏنل شڪل 3.43 واريون (i) کان (vi) سڀ شڪليون جاچ ڪريو




شڪل 3.43

هرهڪ شڪل ۾ ABC∠ جي اَندرين حصي ۾ گول جو ڪمان سمايل آهي. اِن ڪمان کي اَنٽرڇيديل ڪمان چئبو آهي. اَنٽرڇيديل ڪمان جا ڇيڙ ٽپڪا اِهي گول ۽ ڪنڊ جا ڇيد ٽپڪا هوندا آهن. ڪنڊ جي هرهڪ پاسي مٿان ڪمان جو هڪ ڇيڙ ٽپڪو هئڻ لازمي آهي. شڪل 3.43 جي (i) (ii) (iii) ۾ ڪنڊن فقط هڪ ئي ڪمان کي اَنٽر ڇيديو آهي پر (iv) (v) ۽ (vi) ۾ هرهڪ ڪنڊ ٻہ ڪمانون اَنٽرڇيديون آهن. شڪل v ۾ ڪنڊ جي هڪ پاسو ۽ vi ۾ ڪنڊ جا ٻہ پاسا گول کي ڇهن ٿا.

شڪل 3.44 ۾ ڪمان اَنٽرڇيديل نہ آهي. ڇو تہ ڪنڊ جي پاسي BC تي ڪمان جو هڪ بہ ڇيڙ - ٽپڪو موجود نہ آهي.




شڪل 3.44

## اِرديل ڪنڊ سڌيان (Inscribed angle theorem)

سڌيان : گول ۾ اِرديل ڪنڊ جي ماپ، اُن جي انٽرڇيديل ڪمان جي ماپ جي اَڌ هوندي آهي.

ڏنل : گول جو مرڪز O آهي BAC∠ اِها ڪمان BAC∠ ۾ اِرديل آهي. BAC∠ ڪمان BDC∠ کي اَنٽر ڇيديو آهي.

ثابت ڪرڻ : $\angle BAC = \frac{1}{2}\, m(\text{arc BDC})$

رچنا : ڪرڻو AO ڪيو. اِهو گول تي ٽپڪي E وٽ ڪپي ٿو. نيم قطر OC ڪيو.




شڪل 3.45

ثابتي : $\triangle AOC$ ۾

پاسو $OA \cong$ پاسو $OC$ ...... (هڪ ئي گول جا نيم قطر)

$\therefore \angle OAC = \angle OCA$ ..... (ٻپور پاسو ٽڪنڊو سڏيان)

$\angle OAC = \angle OCA = x$ ...... (I) (سمجھه)

$\therefore \angle EOC = \angle OAC + \angle OCA$ .... (پرين اندرين ڪنڊن جو سڏيان)

$= x^\circ + x^\circ = 2x^\circ$

پر $\angle EAC$ اِها مرڪزي ڪنڊ آهي.

$\therefore m(\quad EC) = 2x^\circ$ .... (ڪمان ڪنڊ وصف) ..... (II)

$\therefore$ (I) ۽ (II) مان

$$\angle OAC = \angle EAC = \frac{1}{2}\, m(\text{arc } EC) \ \ldots\ldots (III)$$

اهڙي نموني نيم قطر OB ڪڍي. $\angle EAB = \frac{1}{2}\, m(\text{arc } BE)$ ..... (IV)

$\therefore \angle EAC + \angle EAB = \frac{1}{2}\, m(\text{arc } EC) + \frac{1}{2}\, m(\text{arc } BE)$ .... (III) ۽ (VI) مان

$$\therefore \angle BAC = \frac{1}{2}\,[m(\text{arc } EC) + m(\text{arc } BE)]$$

$$= \frac{1}{2}\,[m(\text{arc} BEC)] = \frac{1}{2}\,[m(\text{arc } BDC)] \ \ldots\ldots (V)$$

ڌيان ڏيو

اِرديل ڪنڊ ۽ مرڪز لاءِ تي لاڳاپا ممڪن آهن گول جو مرڪز ڪنڊ جي پاسي تي، يا اَندرين حصي يا ڪنڊ کان ٻاهر تي سگهي ٿو. اِنهن مان بہ آسان III ۽ IV ۾ ثابت ڪيا. هاڻي ٽئين باري ويچار ڪريون.




شڪل 3.46

$\angle BAC = \angle BAE - \angle CAE$

$= \frac{1}{2}\, m(\text{arc } BCE) - \frac{1}{2}\, m(\text{arc } CE)$

...... (III) مان

$= \frac{1}{2}\,[m(\text{arc} BCE) - m(\text{arc } CE)]$

$= \frac{1}{2}\,[m(\text{arc } BC)]$ ...... (VI)

گول جي ڪمان طرفان ڪنهن بہ ٽپڪي وٽ ٺهيل ڪنڊ جي ماپ (Subtended) اُن ڪمان جي نسبتي مرڪزي ڪنڊ جي ماپ جي اَڌ هوندي آهي.

هن سڏيان جا بيان اُپ سڏيان لکيا وڃن ٿا .

## اِرديل ڪنڊ سڌيان جا اُپ سڌيان (Corollaries of inscribed angle theorem)

1. هڪ ئي ڪمان ۾ اِرديل سڀ ڪنڊون نهڪندڙ هونديون آهن.



شڪل 3.47

1. شڪل 3.47 جي آڌار تي ڏنل ۽ ثابت ڪرڻ لکو. سوالن جي آڌار تي ثابتي لکو.

(1) $\angle PQR$ جي اَنترچيديل ڪمان ڪهڙي؟

(2) $\angle PSR$ جي انترچيديل ڪمان ڪهڙي؟

(3) اِرديل ڪندي اَنترچيديل ڪمان، اُنهن جي ماپن ۾ ڪهڙو لاڳاپو آهي؟

2. اَڌ گول ۾ اِرديل ڪنڊ گوني ڪنڊ هوندي آهي.

پر واري شڪل 3.48 جي آڌار تي ڏنل، ثابت ڪرڻ ۽ ثابتي لکو.



شڪل 3.48

## چڪرڪ (محدود) چوڪنڊو (Cyclic quadrilateral)

چوڪنڊي جا چار ئي ٽپڪا جيڪڏهن ساڳئي گول تي هجن ته اُن چوڪنڊي کي چڪرڪ چوڪنڊو چئبو آهي.

## چڪرڪ چوڪنڊو سڌيان (Theorem of cyclic quadrilateral)

چڪرڪ چوڪنڊي جون مخالف ڪنڊون تتمهه هونديون آهن.

خال ڀري ثابت ڪريو .



شڪل 3.49

**ڏنل** : □ ______ هڪ چڪرڪ چوڪنڊو آهي

**ثابت ڪرڻ** : $m\angle B + m\angle D =$ ______

$m\angle C = 180^\circ +$ ______

**ثابتي :** $\angle ADC$ اِرديل ڪنڊ ڪمان ABC کي اَنتر چيدي ٿي.

$\therefore \angle ADC = \frac{1}{2}$ ______ .......... (I)

**اهڙي نموني** ______ اِرديل ڪنڊ ڪمان ADC کي اَنترچيدي ٿي.

$\therefore \boxed{\quad} = \frac{1}{2}\, m(\text{arc}ADC) \;.....\; (\text{II})$

$\therefore \angle ADC + \boxed{\quad} = \frac{1}{2} \boxed{\quad} + \frac{1}{2}\, m(\text{arc } ADC) \;.....$ [(I) ۽ (II) مان ]

$= \frac{1}{2}\, [\boxed{\quad} + m(\text{arc } ADC)]$

$= \frac{1}{2} \times 360^\circ \;........$ (کمان ABC ۽ کمان ADC گول ناهن تا)

$= \boxed{\quad}$

ساڳئي نموني $m\angle A + m\angle C = \boxed{\quad}$

## چکرڪ چوڪنڊي سڌيان جو اُپ سڌيان (Corollary of cyclic quadrilateral theorem)

چکرڪ چوڪنڊي جي ٻاهرين ڪنڊ، سندس پر واري ڪنڊ جي مخالف ڪنڊ سان ڦهڪندڙ هوندي آهي. اِن اُپ سڌيان جي ثابتي پاڻ لکو.

### ويچار ڪريو

متي ڏنل سڌيان ۾ $m\angle B + m\angle D = 180^\circ$ اِهو ثابت ڪرڻ بعد ٻچيل مخالف ڪندن جو جوڙ $180^\circ$ ٻئي ڪنهن طريقي ثابت ڪري سگهجي ٿو ڇا؟

## چکرڪ چوڪندو سڌيان جو اُبتڙ (Converse of cyclic quadrilateral theorem)

سڌيان : ڪنهن چوڪنڊي جون مخالف ڪندون تتمه آهي تہ اُهو چکرڪ چوڪندو هوندو آهي.

متئين سڌيان مان آسان اٿين ويچار ڪريون تہ جيڪڏهن چوڪنڊي جون مخالف ڪندون تتمه آهن تہ اُن چوڪنڊي جي گرد گول هوندو. هرهڪ ٽڪنڊي جو هڪ گرد گول ٿئي ٿو. اِها آسان ڪي ڄاڻ آهي. پر هرهڪ چوڪنڊي جو گرد گول هوندو، اٿين نہ آهي ڪهڙي شرط سان چوڪنڊي جو گرد گول هوندو مطلب چوڪنڊي جا نوڪي ٽپڪا گول تي هجن، اِهو متئين سڌيان مان سمجهہ ۾ ايندو. اَچا هڪ اَلڳہ حالت ۾ چار غير هم ليڪ ٽپڪا گول تي هوندا اِهو اَڳتي سڌيان ۾ ٻڌايل آهي.

سڏيان : جيڪڏهن ڪنهن ليڪ جا ٻہ ٽپڪا ساڳئي پاسي ۾ ٽپڪن وٽ ٺهڪندڙ ڪنڊون ٺاهن ٿا تہ اِهي چار ئي ٽپڪا هڪ گول مٿان هوندا آهن.

ڏنل : ليڪ AD جي ساڳئي پاسي ٽپڪا B ۽ C آهن. $\angle ABD \cong \angle ACD$

ثابت ڪرڻ : ٽپڪا A, B, C, D اِهي هڪ ئي گول تي آهن (يعني) ABCD □ هڪ چڪرڪ چوڪنڊو آهي اِن لاءِ اَڳ سڏي ثابتي ڏجي ٿي.



شڪل 3.50

ويچار ڪريو

مٿيون سڏيان ڪهڙي سڏيان جي اُبتڙ آهي؟

## حل ڪيل مثال

مثال (1) شڪل 3.51 ۾، زهہ LM $\cong$ زهہ LN تہ $\angle L = 35^\circ$



شڪل 3.51

(i) $m(\text{arc MN}) = ?$

(ii) $m(\text{arc LN}) = ?$

حل : (i) $\angle L = \frac{1}{2}\ m(\text{arc MN})$ ...... (اِرديل ڪنڊ سڏيان)

$\therefore\ 35 = \frac{1}{2}\ m(\text{arc MN})$

$\therefore\ 2 \times 35 = m(\text{arc MN}) = 70^\circ$

(ii) $m(\text{arc MLN}) = 360^\circ - m(\text{arc MN})$ ...... (ڪمان ڪنڊوصف)

$= 360^\circ - 70^\circ = 290^\circ$

زهہ LM $\cong$ زهہ LN هاڻي

$\therefore$ LM arc $\cong$ LN arc

پر $m(\text{arc LM}) + m(\text{arc LN}) = 290^\circ = m(\text{arcMLN})$ ..... (ڪمان جوڙ خاصيت)

$m(\text{arc LM}) = m(\text{arc LN}) = \frac{290^\circ}{2} = 145^\circ$

يا, (ii) زهہ LM $\cong$ زهہ LN

$\therefore\ \angle M = \angle N$ ...... (پور پاسو ٽڪنڊو سڏيان)

$\therefore\ 2\angle M = 180^\circ - 35^\circ = 145^\circ$

$\therefore\ \angle M = \frac{145^\circ}{2}$

$\therefore\ m(\text{arc LN}) = 2 \times \angle M$

$= 2 \times \frac{145^\circ}{2}$

$= 145^\circ$

**مثال (2)** شڪل 3.52 ۾زهه PQ ۽ RS زهه آر ايس هڪ ٻئي کي ٽٻڪي T وٽ ڪپين ٿا.



شڪل 3.52

(i) جيڪڏهن $\angle STQ = 58^\circ$، $\angle PSR = 24^\circ$، ته $m(\text{arc SQ})$ لهو

(ii) $\angle STQ = \frac{1}{2}\,[m(\text{arc PR}) + m(\text{arc SQ})]$ اها چڪاس ڪريو

(iii) زهه PQ ۽ زهه RSوچ۾ڪنڊ جي ماپ ڪهڙي به هجي ته ثابت ڪريو

$m\angle STQ = \frac{1}{2}\,[m(\text{arc PR}) + m(\text{arc SQ})]$

(iv) اِن ثابت ٿيل مثال جي خاصيت لفظن ۾لکو

حل : (i) $\angle SPQ = \angle SPT = 58^\circ - 24^\circ = 34^\circ$ ....... ٻاهرين ڪنڊ سڏيان

$m(\text{arc QS}) = 2m\angle SPQ = 2 \times 34^\circ = 68^\circ$

(ii) $m(\text{arc PR}) = 2m\angle PSR = 2 \times 24^\circ = 48^\circ$

$\frac{1}{2}\,[m(\text{arc PR}) + m(\text{arc SQ})] = \frac{1}{2}\,[48 + 68]$

$= \frac{1}{2} \times 116 = 58^\circ$

$= m\angle STQ$

(iii) اِن خاصيت کي ثابت ڪرڻ لاءِ خال ڀريو

$m\angle SPQ = m\angle STQ +$ [ ] .......(ٻرين ڪندن جو سڏيان)

$= \frac{1}{2}\,m(\text{arc SQ}) +$ [ ] ....... (اِرديل ڪنڊ سڏيان)

$= \frac{1}{2}\,[$ [ ] $+$ [ ] $]$

(iv) گول ۾جيڪڏهن ٻه زهه هڪ ٻئي کي ڪپيندڙ آهن ته اُنهن زهن ۾ٺهيل ڪنڊ جي ماپ، اُن ڪنڊ جي اَنتر ڇيديل ڪمان ۽ اُن جي مخالف ڪنڊ جي اَنترڇيديل ڪمان جي جوڙ جو اَڌ هوندي آهي.

مثال (3) گول جي ٻاهر، جيڪڏهن اُن جا ٻہ هڪ ٻئي کي ڪپين ٿا تہ اُنهن کي سمائيندڙ ليڪن جي وچواري ڪنڊ جي ماپ، اُن طرفان انتر ڇيديل ڪمانن جي فرق جو اَڌ هوندي آهي.



شڪل 3.53

ڏنل : گول جا ٻہ AB ۽ CD اِهي گول کان ٻاهر ٽڪيءَ وٽ هڪ ٻئي کي ڪپين ٿا.

ثابت ڪرڻ : $m\angle AEC=\frac{1}{2}[m(\text{arc}AC)-m(\text{arc}BD)]$

جوڙجڪ : ٽڪر AD ڪڍو اِن خاصيت جي ثابتي مثال (2) وانگر ڏجي ٿي اُن لاءِ $\triangle AED$ جون ڪنڊون، اُن جي پرين ڪنڊن جو سڌيان خيال ۾ رکي ثابتي لکو.



**اِهو ڌيان ۾ رکو.**

(1) گول ۾ اِرديل ڪنڊ جي ماپ، اُن جي اَنترڇيديل ڪمان جي ماپ جي اَڌ هوندي آهي.

(2) گول ۾ هڪ ڪمان ۾ اِرديل ڪنڊون ٺهڪندڙ هونديون آهن.

(3) اَڌ گول ۾ اِرديل ڪنڊ گوني هوندي آهي.

(4) چوڪنڊي جا چارئي نوڪي ٽڪا گول تي هوندا تہ اُن چوڪنڊي کي چڪرڪ چوڪنڊو چئبو آهي.

(5) چڪرڪ چوڪنڊي جو مخالف ڪنڊون تتمهہ هونديون آهن.

(6) چڪرڪ چوڪنڊي جي ٻاهرين ڪنڊ، اُن جي پرواري ڪنڊ جي مخالف ڪنڊ جي ٺهڪندڙ هوندي آهي.

(7) چوڪنڊي جون مخالف ڪنڊون تتمهہ هونديون تہ اُهو چوڪنڊو چڪرڪ آهي.

(8) ليڪ جا ٻہ ٽڪا، ساڳئي پاسي ٻن ٽڪن تي ٺهڪندڙ ڪنڊون ناهين ٿا تہ اُهي چار ئي ٽڪا هڪ ئي گول تي هوندا آهن.

(9) پر واري شڪل 3.54 ۾

(i) $m\angle AEC=\frac{1}{2}[m(\text{arc}AC)+m(\text{arc}DB)]$

(ii) $m\angle CEB=\frac{1}{2}[m(\text{arc}AD)+m(\text{arc}CB)]$



شڪل 3.54



شڪل 3.55

(10) پرواري شڪل 3.55 ۾،

$$m\angle BED = \frac{1}{2}\,[m(\text{arc } BD) - m(\text{arc } AC)]$$

## اڀياس 3.4



شڪل 3.56

1. شڪل 3.56 ۾ گول جو مرڪز O آهي ۽ زهہ AB جي ڊيگهہ نيم قطر برابر آهي تہ
(1) $\angle AOB$ (2) $\angle ACB$ (3) arc AB
(4) ڪمان ACB جون ماپون لهو.

2. شڪل 3.57 ۾ $\square PQRS$ هڪ چڪرڪ چوڪنڊو آهي. پاسو $RQ \cong$ پاسو $PQ$، $m\angle PSR = 110^\circ$ تہ
(1) $\angle PQR = ?$
(2) $m(\text{arc } PQR) = ?$
(3) $m(\text{arc } QR) = ?$
(4) $\angle PRQ = ?$



شڪل 3.57

3. چڪرڪ چوڪنڊي $\square MRPN$ ۾ $\angle R = (5x - 13)^\circ$ ۽ $\angle N = (4x + 4)^\circ$ تہ $\angle R$ ۽ $\angle N$ جون ماپون لهو.



شڪل 3.58

4. شڪل 3.58 ۾ O مرڪز آهي ٽڪر RS گول جو قطر آهي ٽپڪو T گول کان ٻاهر آهي ثابت ڪريو $\angle RTS$ سوڙهي ڪنڊ آهي.

5. هرهڪ مستطيل چڪرڪ چوڪنڊو هوندو آهي. اِهو ثابت ڪريو.

6. شڪل 3.59 ۾ ٽڪر YZ ۽ ٽڪر XT اِهي عمود $\triangle WXY$ اَندر ٽِڪي P وٽ ڪپين ٿا. تہ ثابت ڪريو

(1) $\square WZPT$ هڪ چڪرڪ چوڪنڊو آهي.

(2) ٽِڪا X,Z,T,Y اِهي ساڳئي گول تي آهن.




شڪل 3.59

7. شڪل 3.60 ۾ $m(\text{arc NS}) = 125°$، $m(\text{arc EF}) = 37°$، $\angle NMS$ جي ماپ لهو.




شڪل 3.60

8. شڪل 3.16 ۾ زهہ AC ۽ زهہ DE اِهي ٽِڪي B وٽ ڪپين ٿا. جيڪڏهن $\angle ABE = 108°$، $m(\text{arc AE}) = 95°$ تہ $m(\text{arc DC})$ لهو.




شڪل 3.61



## چاڪي وٺون

مشغولي :

هڪ وڏو گول ڪڍو شڪل 3.62 انوسار هڪ ٽڪر AC هڪ زهہ ڪڍو گول تي B ٽِڪو کڻو $\angle ABC$ اِها اِرديل ڪنڊو ڪڍو $\angle ABC$ جي ماپ ماپي درج ڪريو هاڻي شڪل 3.63 موجب ٽِڪي C وٽ ليڪ CD ڇُهڻي ڪڍو ACD جي ماپ لهو.




شڪل 3.62




شڪل 3.63

ACD جي ماپ، اِها ∠ABC جي ماپ برابر آهي انگريزي $m\angle ABC = \frac{1}{2}\, m(\text{arc}\,AC)$
اِها ڄاڻ آهي اِن مان ∠ACD جي ماپ جي اَڌ آهي پڻ ڪمان AC جي ماپ گول جي
ڇهڙيءَ جي هڪَ اهميت واري خاصيت آهي. اِهو اسان ثابت ڪنداسين.

**ڇهڙي - قاطع ڪنڊ سڏيان (Theorem of angle between tangent and secant)**




**شڪل 3.64**

ڏنل : ∠ABC جو نوڪي ٽيڪو M مرڪز واري گول مٿان آهي. اُن جو پاسو BC گول کي ڇهي ٿو. پاسو BA گول کي ٽيڪي A وٽ ڪپي ٿو. ∠ABC جو اَنترڇيديل ڪمان ∠ADB آهي.

ثابت ڪرڻ : $m\angle ABC = \frac{1}{2}\, m(\text{arc}\,ADB)$

ثابتي : اِن سڏيان لاءِ ٽي ثابتيون ممڪن آهن.

(1) شڪل 3.64 ۾ گول جو مرڪز M ∠ABC مٿان آهي.




**شڪل 3.64(i)**

$\angle ABC = \angle MBC = 90^\circ$ ..... (ڇهڙي سڏيان) .....(I)

ڪمان ADB اِهو اَڌ گول آهي.

$\therefore\ m(\text{arc}\ ADB) = 180^\circ$

(I) ۽ (II) مان

$\angle ABC = \frac{1}{2}\, m(\text{arc}\,ADB)$

(2) 3.64 موجب مرڪز M ∠ABC جي ٻاهر آهي نيم قطر MA ۽ نيم قطر MB ڪڍيو.

$\angle MBA = \angle MAB$ ..... (ٻپور پاسو ٽڪندو سڏيان)

$\angle MBC = 90^\circ$ ..... (ڇهڙي سڏيان) ..... (I)




شڪل 3.64(ii)

سمجهو $\angle MBA = \angle MAB = x,\ \angle ABC = y$

$\angle AMB = 180 - (x + x) = 180 - 2x$

$\angle MBC = \angle MBA + \angle ABC = x + y$

$\therefore\ x + y = 90^\circ \qquad \therefore\ 2x + 2y = 180^\circ$

$\Delta AMB$ ۾ $2x + \angle AMB = 180^\circ$

$\therefore\ 2x + 2y = 2x + \angle AMB$

$\therefore\ 2y = \angle AMB$

$\therefore\ y = \angle ABC = \frac{1}{2}\angle AMB$

3.64 (3) ثابتي انوسار خال پري پوري ڪريو

ڪرڏو $\underline{\quad\quad}$ اهو ڪرڏو BC جو مخالف ڪرڏو آهي.

۾ $m\angle ABE = \frac{1}{2}\, m(\text{arc}\ \underline{\quad\quad})$ ...... (2) ثابت ٿيل

$180 - \underline{\quad\quad} = \angle ABE$ .....

$\therefore\ 180 - \underline{\quad\quad} = \frac{1}{2}\, m(\text{arc AFB})$ (ليکي ڪندون)

$= \frac{1}{2}\,[360 - m(\underline{\quad\quad})]$




شڪل 3.64(iii)

$\therefore\ 180 - m\angle ABC = 180 - \frac{1}{2}\, m(\text{arc ADB})$

$\therefore\ m\text{-}\angle ABC = -\frac{1}{2}\, m(\underline{\quad\quad})$

$\therefore\ m\angle ABC = \frac{1}{2}\, m(\text{arc ADC})$

ڇهڙي - قاطع سڌيان جو متبدل بيان

شڪل ۾ AB اِها قاطع ۽ BC ڇهڙي آهي ∠ABC جو اَنترچيديل ڪمان ADB آهي. زهہ AB گول کي ٻن ڪمانن ۾ ورهائي ٿو. ٻئي ڪمانون هڪ ٻئي جي مخالف آهن. هاڻي ڪمان ∠ADB جي مخالف ڪمان مٿان ٽيڪو T ڪٽو.

$\angle ABC = \frac{1}{2}\, m\ (\text{arc ADB}) = \angle ATB.$




شڪل 3.65

گول جي ڇهڙي واري چيز ٽيڪي مان نڪتل زهہ اِنهن وچ ۾ ڪنڊ اُها اَنتر چيديل ڪمان جي مخالف ڪمان جي اَنترچيديل ڪنڊ برابر هوندي آهي.

## ڇھٽي - قاطع ڪنڊن جي سڌيان جو اُبتڙ

گول جي زھ جي ڇيڙي وٽان نڪتل ليڪ اَھڙي نموني آھي جو اُنھن وچ ٺھيل ڪنڊ اَنتر ڇيديل ڪمان ماپ جي اَڌ آھي تہ اُھا ليڪ گول جي ڇُھٽي آھي.



شڪل 3.66

شڪل 3.66 ۾،

جيڪڏھن $\angle PQR = \frac{1}{2}\, m(\text{arc PSQ})$ تہ اِھا ڇھٽي آھي.

[ يا $\angle PQT = \frac{1}{2}\, m(\text{arc PUQ})$ ]

۽ ليڪ TR اِھا ڇھٽي آھي.

ليڪ TR اِھا گول جي ڇھٽي آھي اِن اُبتڙ سڌيان جو پريوگہ گول جي ڇھٽي جوڙجڪ ۾ ٿيندو آھي. اِن سڌيان کي اَڳ سڌي نموني بہ ثابت ڪري سگھجي ٿو.

## زھن جي اَندرين ورچ سڌيان (Theorem of internal division of chords)

ھڪ گول ۾ جيڪڏھن بہ زھ گول اَندر ڪنھن ٽبڪي وٽ ڪپين ٿا تہ ھڪ زھ جي بن حصن جي ڊيگھہ جي ضرب اُپت، ٻئي زھ جي بن حصن جي ڊيگھہ جي ضرب اُپت برابر آھي.

ڏنل : گول جو مرڪز P آھي.

زھ AB ۽ زھ CD اِھي گول اندر ٽبڪي E وٽ ملن ٿا.



شڪل3.67

ثابت ڪرڻ : $AE \times EB = CE \times ED$

رچنا : ٽڪر AC ٽڪر DB ڪيو.

ثابتي : $\Delta$ CAE $\Delta$ BDE ۾،

$\angle AEC \cong \angle DEB$ ..... (مخالف ڪنڊون)

$\angle CAE \cong \angle BDE$ ..... ساڳئي ڪمان جون ڪنڊون

$\therefore \Delta CAE \sim \Delta BDE$ ..... ڪنڊ - ڪنڊ آزمائش

$\therefore \frac{AE}{DE} = \frac{CE}{BE}$ .....

$\therefore AE \times EB = CE \times ED$

### ويچار ڪريون

شڪل 3.67 ۾ اَسان ٽڪر AD ۽ ٽڪر BC ڪڍي اِھو سڌيان ثابت ڪري سگھون ٿا ڇا.

ودیڪ چاڻ لاءِ

شڪل 3.67 ۾ زهه AB جا ٽپڪي E ڪري ٻه حصا AE ۽ EB ٿيا آهن. ٽڪر AE ۽ ٽڪر EB اِهڙا لاڳيتا پاسا ڪٽي مستطيل ٺاهيو ته AExEB اِهو اُن مستطيل جي ايراضي ٿيندي. ساڳئي نموني CExED اِهو زهه CD جي ٻن حصن مان ٺهيل مستطيل جي ايراضي ٿيندي آسان ثابت ڪيو.AExEB=CExED مطلب ته اِهو سڌيان اَلڳه نموني به بيان ڪري سگهجي ٿو.

هڪ گول ۾ جيڪڏهن ٻه زهه، گول جي اَندر ڪنهن ٽپڪي وٽ ڪپين ٿا ته هڪ زهه جي ٻن حصن سبب ٺهيل مستطيل جي ايراضي اِها ٻئي زهه جي ٻن حصن ٺهيل مستطيل جي ايراضي برابر هوندي آهي.

## زهن جي ٻاهرين ورڇ جو سڌيان (Theorem of external division of chords)

هڪ گول ۾ زهه AB ۽ زهه CD کي سمائيندڙ ليڪون گول جي ٻاهران ٽپڪي E وٽ ڪپين ٿيون ته

$AE \times EB = CE \times ED.$

سڌان لاءِ ڏنل ۽ ثابت ڪرڻ پاڻ لکو

جوڙجڪ : ٽڪر AD ۽ ٽڪر BC ڪيڊو




شڪل 3.68

ثابتي : △CBE ۽ △ADE ۾

$\angle AED \cong$ [ ] .......... (عام ڪنڊ)

$\angle DAE \cong \angle BCE$ .......... ([ ])

$\therefore \Delta ADE \sim$ [ ] .......... ([ ])

$\therefore \frac{(AE)}{[\ ]} = \frac{[\ ]}{[\ ]}$ ..........

$\therefore$ [ ] $= CE \times ED$

## ڇهڻي - قاطع ٽڪرن جو سڏيان (Tangent secant segments theorem)

گول ٻاهران ٽٻڪي E وٽان نڪتل قاطع گول کي ٽٻڪن A ۽ B وٽ ڪپي ٿي ۽ وٽان نڪتل ڇهڻي گول کي T تي ڇُهي ٿي.




شڪل 3.69

ثابت ڪريو : $EA \times EB = ET^2$

رچنا : ٽڪر TA ۽ ٽڪر TB ڪڍو.

ثابتي : $\Delta$ EAT ۽ $\Delta$ ETB ۾,

$\angle AET \cong \angle TEB$ .... (عام ڪنڊ)

$\angle ETA \cong \angle EBT$ .. (ڇهڻي قاطع سڏيان)

$\therefore \Delta EAT \sim \Delta ETB$ ..... (ڪنڊ - ڪنڊ آزمائش)

$\therefore \frac{ET}{EB} = \frac{EA}{ET}$ .....

$\therefore EA \times EB = ET^2$



### اِهو ڌيان ۾ رکو

(1) شڪل 3.70 موجب

$AE \times EB = CE \times ED$

ان کي زهن جي اَندرين ورڇ سڏيان چئبو آهي.




شڪل 3.70

(2) شڪل 3.71 موجب

$AE \times EB = CE \times ED$

اِن کي زهن جي ٻاهرين ورڇ سڏيان چئبو آهي.




شڪل 3.71

(3) شڪل 3.72 موجب

$EA \times EB = ET^2$

ان کي ڇهڻي قاطع ٽڪرن جو سڏيان چئبو آهي.




شڪل 3.72

**مثال (1)** شڪل 3.73 ۾ تڪر PS اِهو ڇهڻي تڪر آهي. ليڪ PR اِها قاطع آهي




**شڪل 3.73**

$PQ = 3.6$،

$QR = 6.4$ تہ PS لهو.

**حل** : $PS^2 = PQ \times PR$ .... **(ڇهڻي قاطع سڏيان)**

$= PQ \times (PQ + QR)$

$= 3.6 \times [3.6 + 6.4]$

$= 3.6 \times 10$

$= 36$

$\therefore PS = 6$

**مثال (2)** **شڪل 3.74 ۾ زهہ MN ۽ زهہ RS اِهي گول اَندر ٽيڪي P وٽ ملن ٿا.**

$PR = 6, PS = 4, MN = 11$

تہ PN لهو.




**شڪل 3.74**

**حل : زهن جي اَندرين ورڇ سڏيان موجب**

$PN \times PM = PR \times PS \ldots (I)$

$PN = x$ سمجهو $\therefore PM = 11 - x$

$x(11 - x) = 6 \times 4$

$\therefore 11x - x^2 - 24 = 0$

$\therefore x^2 - 11x + 24 = 0$

$\therefore (x - 3)(x - 8) = 0$

$\therefore x - 3 = 0$ يا $x - 8 = 0$

$\therefore x = 3$ يا $x = 8$

$\therefore PN = 3$ يا $PN = 8$

مثال (3) شڪل 3.75 ۾ ٻه گول هڪ ٻئي کي ٽپڪن X ۽ Y تي ڪپين ٿا. ليڪ XY تي ٽپڪو M آهي M وٽان گولن ڏانهن P ۽ Q وٽ ڇھڙيون نڪتل آهن.




شڪل 3.75

ثابت ڪريو ٽڪر PM ≅ ٽڪر QM.

ثابتي : خالي جڳھيون پري ثابتي لکو.

ليڪ MX اِها ٻنهي گولن جو عام................ آهي.

∴ (I) ..... $PM^2 = MY \times MX$

ساڳئي نموني ....... = ....... × ........ ، ڇھڙي - قاطع ٽڪرن سڏيان ..... (II)

∴ (I) ۽ (II) مان ...... = $QM^2$

∴ $PM = QM$

ٽڪر PQ ≅ ٽڪر RS

مثال (4)

مثال (4) شڪل 3.76 ۾ ٽڪر PQ اِهو 'O' مرڪز واري گول جو قطر آهي. گول تي ٽپڪو R ڏنل آهي. ٽڪر PQ ⊥ ٽڪر RS ته ثابت ڪريو. SR اِهو PS ۽ SQ جو ريکا گڻت مڌيه آهي.

[ $SR^2 = PS \times SQ$ ]




شڪل 3.76

حل : هيٺ ڏنل ڏاڪا سمجھي ثابتي لکو

(1) ڪرڻو RS ڪيدو اِهو گول کي T وٽ ڪپي ٿو.

(2) RS=RT ثابت ڪريو.

(3) زهن جي اَندرين ورچ سڏيان واپرايو.

(4) RS=RT اِستعمال ڪري ثابتي لکو.

**ويچار ڪريو**

(1) مٿي ڏنل شڪل 3.76 ۾ ٽڪر PR ۽ ٽڪر RQ ڪيڏ سان △PRQ ڪھڙي قسم جو ٽڪندو آهي؟

(2) مٿي ڏنل مثال 4 ۾ ثابت ڪيل خاصيت ان ڪان اَڳه ٻئي نموني ثابت ڪئي ويئي آهي ڇا؟

1. شڪل 3.77 ۾ ٽڪو Q چيڙ ٽڪو آهي.
$PQ = 12, PR = 8$،
$RS =$ لهو ؟



شڪل 3.77

2. شڪل 3.78 ۾ زهه MN ۽ زهه RS
اِهي D وٽ ملن ٿا
(1) جيڪڏهن $RD = 15, DS = 4$،
$MD = 8$ تہ $DN =$ لهو؟
(2) جيڪڏهن $RS = 18$، $MD = 9$،
$DN = 8$ تہ $DS =$ لهو ؟



شڪل 3.78

3. شڪل 3.79 ۾ ٽڪو B چيڙ ٽڪو آهي.
گول جو O مرڪز آهي.
ٽڪر $\perp AD$ ٽڪر OE

$AB = 12$,
$AC = 8$، تہ (1) AD (2) DC
(3) DE لهو .



شڪل 3.79

4. شڪل 3.80 ۾ جيڪڏهن $PQ = 6$،
$QR = 10, PS = 8$
تہ $TS =$ لهو ؟



شڪل 3.80

5. شڪل 3.81 ۾ ٽڪر EF قطر آهي. ٽڪر
DF اِهو ڇهڻي ٽڪر آهي. نيم قطر r
آهي تہ ثابت ڪريو
$DE \times GE = 4r^2$



شڪل 3.81

.1 هرهڪ اُپ سوال جا چار متبدل جواب ڏنل آهن.مناسب جواب چونڊيو

(1) 5.5 س م ۽ 3.3 س م نيم قطر وارا گول هڪ ٻئي کي ڇهن ٿا اُنهن جي مرڪزن وچ ۾ مفاصلو ڪيترا س م آهي؟

(A) 4.4 (B) 8.8 (C) 2.2 (D) 8.8 يا 2.2

(2) ٻہ گول هڪ ٻئي کي ڪپيندڙ آهن هڪ گول هرهڪ گول ٻئي گول جي مرڪز مان لنگهي ٿو. جي اُنهن جي مرڪزن وچ ۾ مفاصلو 12 س م آهي تہ هرهڪ گول جو نيم قطر ڪيترا س م ٿيندو؟

(A) 6 (B) 12 (C) 24 (D) ٻڌائي نہ ٿو سگهجي

(3) هڪ گول پوروچوٽ پاسي چوڪنڊي جي سيني پاسن کي ڇهي ٿو تہ اُهو چوڪنڊو ............ هئڻ گهرجي.

(A) مستطيل (B) پورچوٽ پاسو (C) چورس (D) پور پاسو چوڪنڊو

(4) هڪ گول جي مرڪز کان 12.5س م مفاصلي تي هڪ ٽٻڪي کان اُن گول ڏانهن ڇهٽي 12 س م آهي تہ گول جو قطر ڪيترا س م آهي؟

(A) 25 (B) 24 (C) 7 (D) 14

(5) ٻاهريان ڇهندڙ ٻن گولن ۾ وڌ ۾ وڌ عام ڇهٽيون گهٽيون تي سگهن ٿيون؟

(A) هڪ (B) ٻہ (C) ٽي (D) چار

(6) مرڪز O واري گول ۾ ∠ACB ڪمان ۾ ∠ACB اِرديل آهي $m\angle ACB = 65°$ تہ $m(\text{arc ACB})$ = لهو. ؟

(A) 65° (B) 130° (C) 295° (D) 230°

(7) هڪ گول ۾ زهہ AB ۽ CD اَندر ۾ وٽ ملن ٿا.

(ED) تہ (AE) = 5.6, (EB) = 10, (CE) = 8 = لهو.؟

(A) 7 (B) 8 (C) 11.2 (D) 9

(8) □ABCD چڪرڪ چوڪنڊو آهي ∠A جي ماپ جي ٻيڻي اِها ∠C جي ماپ جي ٽيڻي آهي تہ ∠C جي ماپ ڪيتري؟

(A) 36 (B) 72 (C) 90 (D) 108

★(9) هڪ گول مٿان ٽٻڪا A,B,C تہ $m(\text{arc AB}) = m(\text{arc BC}) = 120°$, انهن ٻنهي ڪمانن ۾ عام ٽٻڪو ڪوبہ نہ آهي △ABC جو ڪهڙو قسم آهي؟

(A) اَڻپور پاسو (B) ٽپور پاسو

(C) ٻہ پور پاسو (D) گوني ڪنڊ

(10) ٽڪر XZ گول جو قطر آهي گول اَندر Y ٽپڪو آهي ته هيٺين بيانن مان ڪهڙو صحيح آهي؟

(i) $\angle XYZ$ سوڙهي ڪنڊ نه آهي

(ii) $\angle XYZ$ گوني ڪنڊ ٿي نٿي سگهي

(iii) $\angle XYZ$ ويڪري ڪنڊ آهي.

(iv) $\angle XYZ$ لاءِ ڪجهه چئي نه ٿو سگهجي.

(A) فقط ٻي (B) فقط ٻه (C) فقط هڪ (D) سڀ

.2 گول جو مرڪز O آهي $l$ ليڪ ٽپڪي P وٽ ڇهڻي آهي. نيم قطر 9 س م آهي ته

(1) $d(O, P) = ?$

(2) $d(O,Q)=8$ س م ته Q ٽپڪو ڪٿي آهي؟

(3) $d(O,R)=15$ ته اَهڙا ٽپڪا ليڪ $l$ تي ڪيترا آهن؟ اُنهن جو P کان ڪيترو مفاصلو؟




شڪل 3.82

.3 پر واري شڪل ۾ مرڪز M ۽ ٽڪر KL ڇهڻي ٽڪر آهي.

$MK = 12, KL = 6\sqrt{3}$ ته

(1) گول جو نيم قطر لهو.

(2) $\angle K$ ۽ $\angle M$ جون ماپون لهو.




شڪل 3.83

.4 شڪل 3.84 ۾ مرڪز O آهي ٽڪر AB ۽ ٽڪر AC اِهي ڇهڻي ٽڪر آهن گول جو نيم قطر r آهي ۽ $l(AB)=r$ ثابت ڪريو. $\square ABOC$ هڪ چورس آهي.




شڪل 3.84

.5 شڪل 3.85 ۾ ABCD□ هڪ پوروچوٽ پاسو چوڪنڊو T مرڪز واري گول جي گرد آهي (مطلب پاسا گول کي ڇهندڙ آهن) G,F,E ۽ H اِهي ڇيڙ - ٽڪا آهن.
AE=4.5 ۽ EB=5.5 تہ AD لهو




شڪل 3.85

.6 شڪل 3.86 ۾ N مرڪز وارو گول M مرڪز واري گول کي T وٽ ڇهي ٿو. وڏي گول جو نيم قطر ننڍي گول کي S وٽ ڇهي ٿو. جيڪڏهن وڏي گول ۽ ننڍي گول جا نيم قطر نمبروار 9 س م ۽ 2.5 س م تہ MS:SR ريشو لهو.




شڪل 3.86

(1) MT = لهو؟ (2) MN = لهو ؟
(3) m∠NSM =ڪيتري؟

نيم قطر

.7 پرواري شڪل ۾ X ۽ Y مرڪزن وارا گول ٽڪي Z وٽ ڇهن ٿا. Z مان لنگهندڙ قاطع اُنهن کي نمبروار A ۽ B وٽ ڪپي ٿي تہ ثابت ڪريو. نيم قطر XA || نيم قطر YB.

ثابتي لاءِ هيٺيان خال ڀريو




شڪل3.87

جوڙجڪ ٽڪر XZ ۽ ٽڪر .............. ڪڍو.

∴ ∠ XZA ≅ .......... مخالف ڪنڊون

∠ XZA = ∠ BZY = *a* ..... (I)

ٽڪر XA ≅ هاڻي XZ .......... (..........)

∴ ∠ XAZ = .......... = *a* .......... ڀپور پاسو سڏيان (II)

ٽڪرYB ≅ .......... .......... (..........)

(III) (..........) .......... ∴ ∠ BZY = .......... = *a*

∴ (I)، (II) ۽ (III) مان ،

$m\angle XAZ = \ldots\ldots\ldots$

∴ نيم قطر XA || نيم قطر YB ………. (……….)




شڪل 3.88

8. شڪل 3.88 ۾ X ۽ Y مرڪز وارا گول هڪ ٻئي کي اَندريان ٽپڪي Z وٽ ڇهن ٿا. ٽڪر BZ وڏي گول جو زهہ ننڍي گول کي A وٽ ڪپي ٿو. ثابت ڪريو ٽڪر BY || ٽڪر AX

9. پرواري شڪل ۾ ليڪ $l$ اِها O مرڪز واري گول کي P وٽ ڇهي ٿي. ٽپڪو Q اِهو نيم قطر OP جو مڌيہ - ٽپڪو آهي. ٽپڪو Q کي سمائيندڙ زهہ RS || ليڪ $l$ جيڪڏهن RS = 12 س م تہ گول جو نيم قطر لهو؟




شڪل 3.89

10★. شڪل 3.90 ۾ گول جو مرڪز C آهي. ٽڪر AB قطر آهي ڇهڻي PQ اِها گول کي T وٽ ڇهي ٿي ليڪ PQ⊥ ٽڪر AP ۽ ليڪ PQ ⊥ ٽڪر PQ تہ ثابت ڪريو ٽڪر CQ ≅ ٽڪر CP




شڪل 3.90

11★. هرهڪ 3 س م نيم قطر وارا C,B,A مرڪزن سان ٽي گول اَهڙي نموني ڪڍو جيئن هرهڪ گول ٻين ٻن گولن کي ڇهي.

12★. گول جا کهڙا بہ ٽي ٽپڪا هم - ليڪ ٽپڪا نہ هوندا آهن. اِهو ثابت ڪريو.

**13.** شڪل 3.11 ۾ ليڪ PR گول کي Q وٽ ڇهي ٿي. اِن شڪل جي آڌار تي سوالن جا جواب لکو

(1) $\angle$TAQ ۽ $\angle$TSQ ماپن جو جوڙ ڪيترو؟

(2) $\angle$AQP سان ٺهڪندڙ ڪنڊ ڪهڙي؟

(3) $\angle$ QTS سان ٺهڪندڙ ڪنڊ ڪهڙي؟




شڪل 3.91

(4) جيڪڏهن $\angle$TAS=65° تہ $\angle$TQS ۽ m(arcTS) ٻڌايو.

(5) جيڪڏهن $\angle$AQP=42° ۽ $\angle$SQR=58 تہ $\angle$ATS لهو.

**14.** پرواري شڪل ۾ گول جو مرڪز O آهي.

تڪر PQ ۽ تڪر RS اِهي ٺهڪندڙ زهہ آهن

$m\angle$ POR = 70° ۽ ؟

$m$(arcRS) = 80°، تہ

(1) $m$(arc PR) ڪيترو؟

(2) $m$(arc QS) ڪيترو؟

(3) $m$( arc QSR) ڪيترو؟




شڪل 3.92

**15.** شڪل 3.93 ۾ ، $m$( arc WY) = 44°،

$m$(arc ZX) = 68°، تہ

(1) $\angle$ZTX ۽ ڪمان جي ماپ لهو

(2) WT = 4.8, TX = 8.0،

YT = 6.4 TZ = ڪيترو ؟

(3) WX = 25, YT = 8،

YZ = 26، WT = ڪيترو؟.




شڪل 3.93

16. شڪل 3.94 ۾

(1) $m(\text{arc CE}) = 54^\circ$,

$m(\text{arc BD}) = 23^\circ$, تہ $\angle CAE$ = ڪيتري؟

(2) AB = 4.2, BC = 5.4,

AE = 12.0 تہ AD = ڪيترو؟

(2) AB = 3.6, AC = 9.0,

AD = 5.4 تہ AE = ڪيترو؟




شڪل 3.94

17. پرواري شڪل ۾ زهہ GH || زهہ EF تہ ثابت ڪريو زهہ FH || زهہ EG

هيٺ ڏنل خال پري ثابتي پوري ڪريو .

ثابتي : ٽڪر GF ڪڍو

$\angle EFG = \angle FGH$ .......... (I)

$\angle EFG$ = .......... (اِرديل ڪنڊ سڏيان) (II)

$\angle FGH$ = .......... (اِرديل ڪنڊ سڏيان) (III)

$\therefore m(\text{arc EG})$ = .......... [(I)، (II) ۽ (III) مان ]

زهہ EG ≅ زهہ FH ..........(................)




شڪل 3.95

18. پرواري شڪل ۾ ٽپڪو P اهو ڇيڙ ٽپڪو آهي

(1) $m(\text{arc PR}) = 140$،

تہ $\angle POR = 36^\circ$

$m(\text{arc PQ})$ = ڪيترو ؟

(2) OP = 7.2، OQ = 3.2،

OR = ڪيترو؟ QR = ڪيترو؟

(3) OP = 7.2، OR = 16.2،

QR = ڪيترو؟




شڪل 3.96

19. پرواري شڪل ۾ C مرڪز وارو گول D مرڪز واري گول کي اندريان E وٽ ڇهي ٿو. ٽپڪو D اندرين گول مٿان آهي. ٻاهرين گول جو زهہ EB اِهو اندرين گول کي ٽپڪي A وٽ ڪپي ٿو تہ ثابت ڪريو

ٽڪر AB ≅ ٽڪر EA




شڪل 3.97

.20 شڪل 3.98 ۾ ٽڪر AB اِهو O مرڪز واري گول جو قطر آهي. اِرديل ACB جو اَڌ گول تي ٽِڪي D وٽ ڪپي ٿو ته ثابت ڪريو : ٽڪر BD ≅ ٽڪر AD



شڪل 3.98

ثابتي خال پري پوري ڪريو

ثابتي ٽڪر OD ڪڍو

$\angle$ ACB = .......... ( اَڌ ۾ اِرديل ڪنڊ )

$\angle$ DCB = .......... ( ٽڪر CD اَڌ ڪ آهي )

$m$(arc DB) = ..........( اِرديل ڪنڊ سڌيان )

$\angle$ DOB = .......... (ڪمان-ماپ وصف) (I)

ٽڪر OA ≅ ٽڪر OB .......... (II)

∴ ليڪ OD اِها ٽڪر AB جي.......... ليڪ آهي.(I) ۽ (II) مان

∴ ليڪ AD ≅ ليڪ BD ..........

.21 پرواري شڪل 3.99 ۾ O مرڪز واري گول جو زهه MN آهي. زهه MN مٿان L ٽِڪو آهي .

MN = 25, زهه MN ٽِڪو آهي L

ML = 9 ۽ $d$(O,L) = 5

ته گول جو نيم قطر ڪيترو؟



شڪل 3.99

★22. شڪل 3.100 ۾ ٻه گول هڪ ٻئي کي S ۽ R وٽ هڪ ٻئي کي ڪپين ٿا. اُنهن ۾ ليڪ PQ اِها عام ڇهڻي آهي ته ثابت ڪريو.

$\angle$ PRQ + $\angle$ PSQ = 180°



شڪل 3.100

★23. شڪل 3.101 ۾ ٻہ گول هڪ ٻئي کي M ۽ N وٽ ڪپين ٿا. ٽپڪي M ۽ ٽپڪي N مان نڪتل قاطع ٽپڪنR ۽ S ۽ P ۽ Q تي ڪپي ٿي ثابت ڪريو PR||QS چڪرڪ چوڪندو آهي.




شڪل 3.101

★24 ٻہ گول هڪ ٻئي کي A ۽ E وٽ ڪپين ٿا ٽپڪي C وٽان نڪتل ڇهڻيون B ۽ D وٽ ڇهن ٿيون ثابت ڪريو □ABCD چڪرڪ چوڪندو آهي.




شڪل 3.102

★25. △ABC ۾ پاسو BC⊥ ٽڪر AD
پاسو AC⊥ ٽڪر BE
پاسو AB⊥ ٽڪر CF
ٽپڪو O اِهو آرٿو مرڪز آهي ثابت ڪريو
ٽپڪو O اِهو ٽڪنڊي △DEF جي اَندرين حصي ۾ آهي.




شڪل 3.103

ICT Tools or Links

جيئو جبرا مدد سان جدا جدا گول ڪيو. اُنهن ۾ زهه ۽ ڇهڻيون ڪيدي خاصيتون چڪاس ڪريو.

# 4 جاميٽريءَ جا جوڙجڪ



اڃا تہ سکي وٺون.

- هڪ جھڙن ٽڪنڊن جو جوڙجڪ

* ٻن هڪ جھڙن ٽڪنڊن مان هڪ ٽڪنڊي جا پاسا ۽ ٻنهي ٽڪنڊن جي نسبتي پاسن جو ريشو مليا تہ ٻيو ٽڪنڊو ڪيڻ.
  (i) هڪ ٻہ نوڪي ٽبڪو عام نہ هئڻ
  (ii) هڪ نوڪي ٽبڪوءَ هڪ ڪنڊ عام هئڻ

- گول جي ڇهٽي ڪيڻ

* گول تي مليل ٽبڪي تي ڇهٽي ڪيڻ
  (i) گول جو مرڪز اِستعمال ڪري
  (ii) گول جو مرڪز اِستعمال نہ ڪري
* گول جي ٻاهران مليل ٽبڪي مان گول ڏانهن ڇهٽي ڪيڻ.



ذرا ياد ڪريو .

هيٺ ڏنل جوڙجڪ اَسان اڳہ وارن درجن ۾ سکيا آهيون اُنهن جوڙجڪن جو دوُر ڪريو

- ڏنل ليڪ جي ٻاهر ٽبڪي مان، اُن ليڪ جي پوروچوٽ ليڪ ڪيڻ.
- ڏنل ليڪ - ٽڪر جو عمودي اَڌڪ ڪيڻ
- ٽڪنڊي جا پاسا ملڻ سان ٽڪنڊو ڪيڻ
- ڏنل ليڪ - ٽڪر جو ڏنل عدد موجب حصا ڪرڻ
- ڏنل ليڪ ٽڪر کي مليل ريشي ۾ ورهائڻ.
- ڏنل ڪنڊ جي ٻہڪندڙ ڪنڊ ڪيڻ

درجي نائين ۾ توهان اِسڪول جي پسگردائيءَ جو نقشو تيار ڪرڻ جو عملي ڪم ڪيو آهي ڪنهن عمارت ٺاهڻ کان اَڳہ، اُن جو ڪچو نقشو تيار ڪبو آهي، اِسڪول جي پسگردائي ۽ اُن جو نقشو، عمارت ۽ اُنجو ڪچو نقشو اِهي هڪ ٻئي ۾ هڪ جھڙائي خاصيت ڏيکارين ٿا. جاگرافي، واستو شاستر، اِنجنيئرنگہ وغيرهہ ۾ شڪليون ڪيڏيون پونديون آهن. ٽڪنڊو هڪ سادي - بند شڪل جو مثال آهي ڏنل ٽڪنڊي جو هڪ جھڙو ٽڪنڊو ڪيئن ڪيو اَچو تہ سکون.

## چاڪي وٺون.

### هڪ جهڙا ٽڪنڊا : جوڙجڪ

هڪ ٽڪنڊي جا پاسا مليل آهن اُن مان هڪ جهڙو ۽ ريشو شرط پوري ڪندي ٽڪنڊو ڪيڻ :

ٻن هڪ جهڙن ٽڪنڊن جا نسبتي پاسا پروپورشن ۾ هوندا آهن ۽ نستبي ڪنڊون ٺهڪندڙ هونديون آهن اِن جو اِستعمال ڪري هڪ جهڙا ٽڪنڊا ڪيبا آهن.

**مثال (1)** $\Delta ABC \sim \Delta PQR$، $\Delta ABC$ ۾ $AB =$ 5.4 س م، $BC =$ 4.2 س م، $AC =$ 6.0 س م. $AB : PQ = 3:2$ ته $\Delta ABC$ ۽ $\Delta PQR$ ڪيو




**شڪل 4.1**
**ڪچي شڪل**

پهريائين $\Delta ABC$ ماپن موجب ڪيو.

$\Delta ABC$ ۽ $\Delta PQR$ هڪ جهڙا آهن

∴ نسبتي پاسا پروپورشن ۾ آهن.

$$\frac{AB}{PQ} = \frac{BC}{QR} = \frac{AC}{PR} = \frac{3}{2} \quad \ldots\ldots\ldots\ldots \text{(I)}$$

$AB, BC, AC$ جون ماپون مليل آهن اِن ڪري $PQ, QR, PR$ جو ماپون لهي سگهجن ٿيون.

$$\frac{5.4}{PQ} = \frac{4.2}{QR} = \frac{6.0}{PR} = \frac{3}{2}$$

∴ $PQ =$ 3.6 س م، $QR =$ 2.8 س م ۽ $PR =$ 4.0 س م




**4.2**

△PQR جا سيني پاسن جي ڊيگھہ ملڻ سان اُهو ٽڪنڊو ڪيڊو.

> **وڌيڪ ڄاڻ لاءِ**
>
> ڪيترائي دفعا ڏنل ٽڪنڊي جو هڪ جهڙو ٽڪنڊو ڪيڏو هوندو آهي اُنهن جا پاسا ماپي نہ سگھيا آهن. اهڙي وقت ڏنل ليڪ - ٽڪر جا عدد موجب حصن ۾ ورهائي ٽڪنڊي جا پاسا ڪيڊا
>
> مثال پاسي AB جي ڊيگھہ $\frac{11.6}{3}$ س م تہ 11.6س م ٽڪر جا 3 برابر حصا ڪري AB پاسو ڪيڊو.

△PQR جا سڀ پاسا ملڻ سان، اُنجو جوڙجڪ ڪيڊو. مٿي ڏنل مثال ۾ ٻنهي ٽڪنڊن ۾ ڪوبہ نوڪي ٽڪو عام نہ هو. هڪ نوڪي ٽڪو عام هجي، تہ ٽڪنڊا ڪيڻ وڌيڪ سولا ٿيندا.




شڪل 4.3
ڪچي شڪل

مثال(2) △ABC ڪوبہ ٽڪنڊو ڪيڊو △ABC جو هڪ جهڙو ٽڪنڊو A'B'C'ڪيڊو جئن

AB : A′B = 5:3

ڇيد : B,A,A ءِ B,C,C اِهي هم ليڪ ٽڪا ڪٽو.

$$\Delta ABC \sim \Delta A'BC' \therefore \angle ABC = \angle A'BC'$$

$$\frac{AB}{A'B} = \frac{BC}{BC'} = \frac{AC}{A'C'} = \frac{5}{3}$$

∴△ABC جا پاسا △A'B'C' جي ڀيٽ ۾ وڏا هوندا.

∴ ٽڪرBCجا 5 برابر حصا ڪبا اُنهن مان3 حصا ٽڪر BC' جا هوندا △ABC ۾ ٽڪر BC جي Bٽڪي کان 3 حصا ڪٽي اُنکي C' نالو ڏيو. ٽڪي C' مان ٽڪرACجي پوروچوٽ ليڪ BA کي A' وٽ ڪپيندي.

$\frac{BA'}{BA} = \frac{BC'}{BC} = \frac{3}{5}$ مطلب ، $\frac{BA}{BA'} = \frac{BC}{BC'} = \frac{5}{3}$

**جوڙجڪ جا ڏاڪا**

(1) $\triangle ABC$ ڪڍيو

(2) BC ٽڪر جا پنج حصا ڪريو

(3) B کان 3 حصا ڪٽي اُن ٽپڪي کي C نالو ڏيو.

$\therefore\ BC' = \frac{3}{5}\ BC$

(4) مطلب هاڻي C' ٽپڪي مان CA جي پوروچوٽ ليڪ ڪڍيو اِها AB کي جتي ڪپي اُتي A' نالو ڏيو.

(5) $\triangle ABC$ جو هڪ جهڙو ٽڪنڊو $\triangle A'B'C$ ملندو.




**شڪل 4.4**

ٽپ : BC جا پنج حصا ڪرڻ لاءِ جنهن پاسي A آهي، اُن جي مخالف پاسي B وٽان هڪ ڪرڻو ڪڍي، اُنجا حصا ڪرڻ سهوليت پريو آهي. اُن ڪرڻي تي $BT_1 = T_1T_2 = T_2T_3 = T_3T_4 = T_4T_5$ حصا ڪٽو $T_5C$ جوڙيو $T_1, T_2, T_3, T_4, T_5$ مان $T_5C$ جي پوروچوٽ ليڪ ڪڍيو.




**شڪل 4.5**

**ويچار ڪريو**

هڪ جهڙا ٽڪنڊا ڪڍڻ وقت ڪڇي شڪل موجب $\triangle A'B'C$ ڪڍي سگهجي ٿو. اِن لاءِ $\triangle A'B'C$ ڪڍڻ وقت جوڙجڪ جي ڏاڪن ۾ ڪهڙي تبديل ڪرڻي پوندي.




**شڪل 4.6**

مثال (3) $\triangle ABC$ جو هڪ جهڙو ٽڪنڊو $\triangle A'B'C'$ ڪڍو جئن $AB : A'B = 5:7$

چيد : $B, A, A'$ ۽ $B, C, C'$ هم ليڪ ٽپڪا آهن.

$\Delta ABC \sim \Delta A'BC'$ ۽ $AB : A'B = 5:7$

∴ $\triangle ABC$ جا پاسا $\triangle A'B'C'$ جي ڀيٽ ۾ ننڍا آهن
اِن جو ويچار ڪندي ڪچي شڪل ڪڍبي.

$$\angle ABC \cong \angle A'BC'$$

$$\frac{BC}{BC'} = \frac{5}{7}$$




شڪل 4.7
ڪچي شڪل

∴ ٽڪر BC جا 5 برابر حصا ڪرڻ سان اُنهن ۾ هڪ حصي جي ستوڻ BC' ٽڪر ٿيندو.

∴ $\triangle ABC$ ڪڍي ٽڪر BC جا 5 برابر حصا ڪري، B کان ست حصا ڏيگهه ڪٽي BC تي C' ملندو. پروپورشن جي بنيادي سڏيان موجب C' وٽان AC جي پوروچوٽ ليڪ ڪرڻي BA کي A' وٽ ڪپيندي. $\triangle A'B'C'$ اِهو گهربل ٽڪنڊو آهي.

**جوڙجڪ جا ڏاڪا**

**(1)** $\triangle ABC$ ڪڍو

**(2)** BC جا 5 برابر حصا ڪريو ڪرڻي BC تي C' ڪٽو جئن BC' جي ڏيگهه BC جي هڪ حصي ۾ ستوڻ ٿئي.

**(3)** C' مان AC جي پوروچوٽ ليڪ ڪڍو جيڪا ڪرڻي BA کي A' وٽ ڪپي.

**(4)** $\triangle A'B'C'$ هاڻي $\triangle ABC$ جو هڪ جهڙو ٽڪنڊو ملندو.




شڪل 4.8

## اَڀياس 4.1

1. $\Delta LMN \sim \Delta ABC$ ، $\Delta ABC$ ۾ $AB = 5.5$ س م ، $BC = 6$ س م ، $CA = 4.5$ س م ۽ $\frac{BC}{MN} = \frac{5}{4}$ ته $\Delta ABC$ ۽ $\Delta LMN$ ڪڍو

2. $\Delta LTR \sim \Delta PQR$ ، $\Delta PQR$ ۾ $PQ = 4.2$ س م ، $QR = 5.4$ س م ، $PR = 4.8$ س م ۽ $\frac{PQ}{LT} = \frac{3}{4}$ ته $\Delta PQR$ ۽ $\Delta LTR$ ڪڍو

3. $\Delta XYZ \sim \Delta RST$ ، $\Delta RST$ ۾ $RS = 4.5$ س م ، $\angle RST = 40^\circ$ ، $ST = 5.8$ س م ۽ $\frac{RS}{XY} = \frac{3}{5}$ ته $\Delta RST$ ۽ $\Delta XYZ$ ڪڍو.

4. $\Delta AHE \sim \Delta AMT$ ، $\Delta AMT$ ۾ $AM = 6.3$ س م ، $\angle TAM = 50^\circ$ ، $AT = 5.6$ س م ۽ $\frac{AM}{AH} = \frac{7}{5}$ ته $\Delta AHE$ ڪڍو.



### چاڙهي وٺون.

### گول تي ڏنل ٽٻڪي مان گول ڏانهن ڇُهٽي ڪڍڻ

(i) گول جو مرڪز اِستعمال ڪري.

چيد :

سمجهو ته 6 مرڪز واري گول تي P ٽٻڪي وٽ ليڪ $l$ ڇهٽي ڪيڏي آهي. اَسان کي خبر آهي ته نيم قطر جي ٻاهرين چيڙ ٽٻڪي تي نڪتل عمود اِها ڇهٽي آهي. اِن خاصيت جو اِستعمال ڪبو. CP نيم قطر تي ليڪ CP عمود ڪڍبو ته اها ليڪ ڇهٽي ٿيندي




شڪل 4.9

اِن ڪري CP ڪڍي، ليڪ $l$ جو جوڙجڪ ڪنداسين جيئن ليڪ $l \perp CP$

جوڙجڪ جا ڏاڪا :

(1) گول جو مرڪز C ڪٽو. گول تي هڪ ٽٻڪو P ڪٽو.

(2) ڪرڙو C ڪڍو

(3) ٽٻڪي P وٽ، ڪرڙي CX تي هڪ عمود ليڪ ڪڍو. اِها ليڪ P ٽٻڪي تي گول ڏانهن ڇهٽي آهي.




شڪل 4.10

(ii) گول تي ڏنل ٽپڪي مان گول ڏانهن ڇهڪي ڪڍڻ (بنا گول جي مرڪز اِستعمال جي)

مثال : ڪهڙي بہ نيم قطر وارو گول ڪيو. اُن تي 'C' ٽپڪو ڪٽو بنا مرڪز اِستعمال جي، C تي گول ڏانهن عمود ڪڍو.



شڪل 4.11

شڪل موجب ليڪ $l$ اِها C وٽ گول ڏانهن ڇُهڪي آهي. ٽڪر CB اِهو قطر ۽ CAB اِها اِرديل ڪنڊ آهي. ڇهڪي - قاطع سڌيان موجب $\angle CAB \cong \angle BCD$.

انڪري اِن سڌيان جو اُبتڙ موجب جيڪڏهن $\angle CAB \cong \angle BCD$,

تہ ليڪ $l$ ڇُهڪي اِن ڪري ٽڪر CB اِهو زهہ ڪٽي، $\angle CAB$ ڪنڊ ڪڍي، $\angle BCD$ڪنڊ ڪڍي، BCD ڪنڊ اَهڙي نموني ڪڍبي، جئن $\angle BCD$

$\angle BCD \cong \angle BAC.$

ليڪ CD اِها گهربل ڇهڪي نڪرندي.

جوڙجڪ جا ڏاڪا



شڪل 4.12

(1) هڪ گول ڪيو. گول تي ٽپڪو C ڪٽو.

(2) زهہ CB ۽ اِرديل ڪنڊ $\angle CAB$ ڪيو.

(3) ڪمپاس تي سهوليت ۾ وارو نيم قطر ڪٽي ۽ مرڪز A ڪٽي $\angle BAC$ جي پاسن تي M ۽ N وٽ ڪپي ڪمان ڪيو.

(4) اُهو نيم قطر ۽ C مرڪز ڪٽي زهہ CB تي R وٽ ڪپيندڙ ڪمان ڪيو.

(5) ڪمپاس وسيلي MN ماپ وارو نيم قطر ۽ مرڪز R ڪٽي اَڳہ واري ڪيڊل ڪمان تي D وٽ ڪپيندڙ ٻي ڪمان ڪيو.

ليڪ CD ملايو. اِها ليڪ CD گهربل ڇهڪي آهي.

(متي ڏنل شڪل ۾ $\angle BCD \cong \angle MAN$ اِن جا ڪارڻ سوچيو ٽڪر MN ۽ ٽڪر RD

جوڙڻ سان پاسو - پاسو - پاسو آزمائش $\Delta MAN \cong \Delta RCD. \therefore \angle MAN \cong \angle BCD$)

## گول ٻاهران ڏنل ٽبڪي مان گول ڏانهن ڇهٽي ڪيڻ

چيد :




شڪل 4.13

O گول جو مرڪز آهي P گول جي ٻاهران ٽبڪو آهي P وٽان نڪتل ڇهٽيون A ۽ B وٽ گول تي ڪپين ٿيون. جيڪڏهن گول تي A ۽ B جايون برابر ملن تہ PA ۽ PB ڇهٽيون ٿينديون. نيم، قطر OA ۽ OB ڪڍبا ليڪ PB نيم قطر OB ليڪ PA ⊥ نيم قطر △OAP ۽ △OBP اِهي گوني ڪنڊ ٽڪنڊا آهن. OP اِهو ٻنهي ٽڪنڊن جو هئپاٽينيوز آهي.

قطر OP ڪٽي گول ڪڍبو تہ O مرڪز واري گول تي A ۽ Bوٽ ڪپيندو اَڌ گول اِرديل ڪنڊ گوني ڪنڊ هوندي آهي.

جوڙجڪ جا ڏاڪا :

(1) Oمرڪز وارو هڪ گول ڪڍو.

(2) گول جي ٻاهران P هڪ ٽبڪو ڪٽو.

(3) ٽڪر OPڪڍو ۽ اُنجو عمودي اَڌڪ ڪڍي 'M' حاصل ڪيو.

(4) مرڪز M ۽ نيم قطر OM ڪٽي گول ڪڍو.

(5) اِهو گول ڏنل گول تي A ۽ B وٽ ڪپيندو.

(6) ليڪ PA ۽ ليڪ PB ڪيو. اِهي گهربل ڇهٽيون آهن.




شڪل 4.14

## اَڀياس 4.2

(1) مرڪز P ۽ نيم قطر 3.2 س م وارو گول ڪڍو. گول تي ٽبڪو M ڪٽي، اُن تي گول ڏانهن ڇهٽي ڪڍو.

(2)2.7س م نيم قطر وارو گول ڪڍو. اُنتي ڪوبہ ٽبڪو ڪٽي ڇهٽي ڪڍو.

(3) 3.6 س م نيم قطر وارو گول ڪڍو. بنا مرڪز اِستعمال جي، گول جي ڪنهن بہ ٽبڪي تي ڇهٽي ڪڍو.

(4) 3.3 س م نيم قطر وارو گول ڪڍو. 6.6 س م ڊيگهہ وارو زهہ PQ ڪڍو. P ۽ Q وٽ ڇهٽيون ڪڍو. ڇهٽين بابت چڪاس ڪريو.

5. 3.4 س م نيم قطر وارو گول ڪيو 5.7 س م ڊيگهه وارو زهہ MN ڪيو. M ۽ N تي گول ڏانهن ڇهٽيون ڪيو.

6. مرڪز P ۽ C نيم قطر 3.4 ڪٽي هڪ گول ڪيو. گول مرڪز کان 5.5 س م مفاصلي تي ٽپڪو O ڪٽيو. O وٽان گول ڏانهن ڇهٽيون ڪيو.

7. 4.1 س م نيم قطر وارو گول ڪيو. مرڪز کان 7.3 س م مفاصلي تي ٽپڪي کان ڇهٽيون ڪيو.

## گڏيل اڀياس 4

1. مناسب متبدل چونڊيو

1. گول تي ڏنل ٽپڪي مان گول ڏانهن ڇهٽين جو عدد ... هوندو آهي.

(A) 3 (B) 2 (C) 1 (D) 0

(2) گول کان ٻاهر ڏنل ٽپڪي مان گول ڏانهن ..... ڇهٽيون ڪيدي سگهيون.

(A) 2 (B) 1 (C) فقط هڪ (D) 0

(3) $\Delta ABC \sim \Delta PQR$، $\frac{5}{7} = \frac{AB}{PQ}$ تہ ...............

(A) $\Delta ABC$ وڏو (B) $\Delta PQR$ وڏو

(C) چئي نہ ٿو سگهجي (D) ٻئي برابر

2. O مرڪز ۽ 3.5 س م نيم قطر وارو گول ڪيو. مرڪز کان 5.7 س م مفاصلي تي P ڪٽي اُن کان گول ڏانهن ڇهٽيون ڪيو.

3. ڪوبہ گول ڪيو اُن تي هڪ ٽپڪو A ڪٽي بنا مرڪز اِستعمال جي اُن ٽپڪي تي ڇُهٽي ڪيو.

4. 6.4 قطر وارو گول ڪيو مرڪز کان قطر جيتري مفاصلي تي ٽپڪو R ڪٽي، اُن مان گول ڏانهن ڇُهٽيون ڪيو.

5. P مرڪز ڪٽي گول ڪيو. $100°$ ماپ وارو ڪمان AB ڪيو A ۽ B وٽ گول ڏانهن ڇهٽيون ڪيو.

6. E مرڪز ۽ 3.4 س م نيم قطر ڪٽي گول ڪيو گول تي F ٽپڪو ڪٽيو. ٽپڪو A اهڙي نموني ڪٽيو جيئن FA = 4.1 E-F-A ٽپڪي A وٽان گول ڏانهن ڇهٽي ڪيو.

7. $\Delta ABC \sim \Delta LBN$، $\Delta ABC$ ۾ $AB = 5.1$ س م، $\angle B = 40°$، $BC = 4.8$ س م، $\frac{AC}{LN} = \frac{4}{7}$ تہ $\Delta ABC$ ۽ $\Delta LBN$ ڪيو

8. $\Delta PYQ$ ڪيو PY=6.3س م، YQ=7.2س م، PQ=5.8س م، $\Delta XYZ$ ڪيو جيڪو $\Delta PYQ$ سان هڪ جهڙائي رکي ٿو. $\frac{YZ}{YQ} = \frac{6}{5}$

# 5 مساوي جاميٽري



## اَچو تہ سکي وٺون

- مفاصلو سوتر
- ورڇ سوتر
- ليڪ جو لاهہ



## ذرا ياد ڪريو.

عدد - ليڪ تي ٻن ٽٻڪن وچ ۾ مفاصلو ڪيئن لهبو آهي. اِها اَسان کي ڄاڻ آهي Q,P ۽ Rجا مساوا نمبروار 1-,5-,4 جا آهن تہ ٽڪر PQ ۽ ٽڪر QR جي ڊيگهہ لهو.




**شڪل 5.1**

شڪل 5.1 اَنوسار R,Q,Pجا مساوا آهن 1-,5-,4

ٽٻڪي A ۽ B جا مساوا $x_1$ ۽ $x_2$ جا مساوا، ۽ $x_2 > x_1$ آهن

$= d(A,B) = x_2 - x_1$

ٽڪر Q,Pجي ڊيگهہ شڪل 5.1 اَنوسار R,Q,Pجا مساوا آهن 1-,5-,4

$\therefore\ d(P, Q) = (-1)-(-5) = -1 + 5 = 4$

$d(Q, R) = 4 - (-5) = 4 + 5 = 9$

اها ويچار ذارا ڪم آڻي XY گراف تي هڪ ئي محور تي ٻن ٽٻڪن وچ ۾ مفاصلو لهي سگهجي ٿو.



## ڄاڻي وٺون

(1) هڪ ئي محور تي ٻن ٽٻڪن وچ ۾ مفاصلو لهڻ

هڪ محور تي ٻہ ٽٻڪا X- مطلب هڪ ئي عدد - ليڪ تي ٻہ ٽٻڪا X- محور تي ٽٻڪن جا مساوا $(0, 1), (0, \frac{17}{2}), (0, -3)\ (2, 0), (\frac{-5}{2}, 0), (8, 0)$ هوندا

اِهو ڌيان ۾ رکو.

X- محور جا ڪاٽو مساوا ڌيڪاينڊز ياڱو OX' ۽ Y- محور تي ڪاٽو مساوا ڌيڪارينڊز ياڱو OY آهي.

i) X- محور تي ٻن ٽپڪن وچ ۾ مفاصلو




شڪل 5.2

متي ڏنل شڪل موجب

$A(x_1, 0)$ $B(x_2, 0)$ محور تي

X- ، $x_2 > x_1$

$\therefore$ $d(A, B) = x_2 - x_1$

ii) Y- محور تي ٻن ٽپڪن وچ ۾ مفاصلو




شڪل 5.3

متي ڏنل شڪل موجب

$Q(0, y_2)$ $P(0, y_1)$ محور تي

Y- ، $y_2 > y_1$

$\therefore$ $d(P,Q) = y_2 - y_1$

2) XYمحور تي ٻن ٽپڪن کي ملائيندڙ ٽڪر ڪنهن محور جي پورو چوٽ هجي ته اُنهن ٻن ٽپڪن وچ ۾ مفاصلو لهڻ.




شڪل 5.4

(i) شڪل موجب ٽڪر AB اهو X- محور جي پورو چوٽ آهي. مطلب A ۽ B جو Y- مساوو ساڳيو آهي. X- محور تي ٽڪر AL ۽ ٽڪر AL ۽ ٽڪر OM عمود ڪيو.

ABML□ مستطيل آهي

$\therefore$ AB = LM

پر ، $LM = x_2 - x_1$

$\therefore$ $d(A,B) = x_2 - x_1$




شڪل 5.5

ii) شڪل ۾ ٽڪر PQ اِهو Y- محور جي پورو چوٽ آهي. مطلب P ۽ Q جو X مساوو ساڳيو آهي

Y- محور تي PR ۽ QS عمود ڪيو.

$\therefore$ PSQR□ مستطيل آهي

$\therefore$ PQ = RS

پر $RS = y_2 - y_1$

$\therefore$ $d(P,Q) = y_2 - y_1$

**مشغولي :**

شڪل ۾ Y- محور || تکر AB

X- محور || تکر CB

A ۽ C جا مساوا ڏنل آهن.

$\triangle ABC$ ڳوني ڪند تڪندو آهي

پائٿاگورس سڏيان موجب




شڪل 5.6

$(AB)^2 + (BC)^2 = \boxed{\phantom{00}}$

AB ۽ BC ڳولهڻ لاءِ ٽپڪي B جا مساوا لهون

$CB \parallel X-$محور $\therefore$ B جو $y$ مساووت = $\boxed{\phantom{00}}$

$BA \parallel Y-$محور $\therefore$ B جو $x$ مساووت = $\boxed{\phantom{00}}$

$AB = \boxed{3} - \boxed{\phantom{00}} = \boxed{\phantom{00}}$ $\qquad$ $BC = \boxed{\phantom{00}} - \boxed{\phantom{00}} = \boxed{4}$

$\therefore AC^2 = \boxed{\phantom{00}} + \boxed{\phantom{00}} = \boxed{\phantom{00}}$ $\qquad$ $\therefore AC = \boxed{\sqrt{17}}$

**چاڪي وٺون**

## مفاصلو سوتر (Distance formula)

شڪل 5.7 ۾، $A(x_1, y_1)$ ۽ $B(x_2, y_2)$

XY گراف تي ٻه ٽپڪا آهن

ٽپڪي B وٽان X- محور طرف BP عمود ڪيو.

ٽپڪي A وٽان Y- محور طرف DA عمود ڪيو.

تکر BP اِهو X- محور جي پوروچوٽ آهي.

$\therefore$ ٽپڪي D جو X مساوو X آهي.

تکر AD، X- محور جي پوروچوٽ آهي.

$\therefore$ ٽپڪي D جو Y- مساوو $Y_1$ آهي.

$\therefore \quad AD = d(A, D) = x_2 - x_1,$

$BD = d(B, D) = y_2 - y_1$




شڪل 5.7

$\Delta ABD$ ڳوني ڪند تڪندو آهي، $AB^2 = AD^2 + BD^2$

$$= (x_2 - x_1)^2 + (y_2 - y_1)^2$$

$$\therefore AB = \sqrt{(x_2 - x_1)^2 + (y_2 - y_1)^2}$$

اِن سوتر کي مفاصلو سوتر چئبو آهي.

اِهو ڌيان ۾ رکو ، $AB = \sqrt{(x_2 - x_1)^2 + (y_2 - y_1)^2} = \sqrt{(x_1 - x_2)^2 + (y_1 - y_2)^2}$

اڳ واري صفحي تي AB ، AC جي ڊيگهه ڪڍڻ لاءِ پائٿاگورس جو سڌيان اِستعمال ڪيو.

هاڻي مفاصلو سوتر ڪم آڻي اُنهن ٽڪرن جي ڊيگهه لهندا سين.




شڪل 5.8

$A(2, 3) \quad C(-2, 2)$

$A(x_1, y_1) \quad C(x_2, y_2)$

$x_1 = 2, y_1 = 3, x_2 = -2, y_2 = 2$

$$AC = \sqrt{(x_2 - x_1)^2 + (y_2 - y_1)^2}$$

$$= \sqrt{(-2-2)^2 + (2-3)^2}$$

$$= \sqrt{(-4)^2 + (-1)^2}$$

$$= \sqrt{16+1}$$

$$= \sqrt{17}$$

ٽڪر-|| YAB محور-|| XBC محور

B جو مساوو (2,2) آهي.

$$\therefore AB = \sqrt{(x_2 - x_1)^2 + (y_2 - y_1)^2} = \sqrt{(2-2)^2 + (2-3)^2} = \sqrt{0+1} = 1$$

$$BC = \sqrt{(x_2 - x_1)^2 + (y_2 - y_1)^2} = \sqrt{(-2-2)^2 + (2-2)^2} = \sqrt{(-4)^2 + 0} = 4$$



**اِهو ڌيان ۾ رکو.**

- منبع ٽيڪو O جا مساوا (O,O) آهن. اِن ڪري جي P جا مساوا (y,x) آهن تہ
  $d(O, P) = \sqrt{x^2 + y^2}$
- $P(x_1, y_1), Q(x_2, y_2)$
  $d(P, Q) = \sqrt{(x_2 - x_1)^2 + (y_2 - y_1)^2}$

سمجهو $PQ^2 = (x_2 - x_1)^2 + (y_2 - y_1)^2 = (x_1 - x_2)^2 + (y_1 - y_2)^2$

مثال (1) P(-1, 1), Q(5,-7) تہ اِنهن وچ مفاصلو لهو.

حل : $P(x_1, y_1)$ $Q(x_2, y_2)$ سمجهو

$$x_1 = -1, \quad y_1 = 1, \quad x_2 = 5, \quad y_2 = -7$$

مفاصلو سوتر موجب

$$d(P, Q) = \sqrt{(x_2 - x_1)^2 + (y_2 - y_1)^2}$$
$$= \sqrt{[5-(-1)]^2 + [(-7)-1]^2}$$
$$= \sqrt{(6)^2 + (-8)^2}$$
$$= \sqrt{36+64}$$
$$d(P, Q) = \sqrt{100} = 10$$

∴ ٽپڪي P ۽ Q وچ مفاصلو 10

مثال (2) ثابت ڪريو تہ A(-3, 2), B(1, -2) C(9, -10) اِهي هم ليڪ ٽپڪا آهن

حل : جيڪڏهن d(A, B) ; d(B, C) d(A, C) ۽ اِنهن مان ٻن جي مفاصلن جو جوڙ

ٽئين مفاصلي جي برابر هوندو تہ A,B,C هم ليڪ ٽپڪا هوندا

∴ d(A, B), d(B, C) , d(A, C)

| مفاصلو سوتر | ٽپڪو B مساوا | ٽپڪو A مساوا |
|---|---|---|
| $d(A,B) = \sqrt{(x_2 - x_1)^2 + (y_2 - y_1)^2}$ | (1, -2) | (-3, 2) |
| | $(x_2, y_2)$ | $(x_1, y_1)$ |

$$\therefore\ d(A, B) = \sqrt{[1-(-3)]^2 + [(-2)-2]^2} \quad \ldots\ldots\ldots\ldots$$
$$= \sqrt{(1+3)^2 + (-4)^2}$$
$$= \sqrt{16+16}$$
$$= \sqrt{32} = 4\sqrt{2} \quad \ldots\ldots\ldots\ldots(I)$$

$$d(B, C) = \sqrt{(9-1)^2 + (-10+2)^2}$$
$$= \sqrt{64+64} = 8\sqrt{2} \quad \ldots\ldots\ldots\ldots(II)$$

$$d(A, C) = \sqrt{(9+3)^2 + (-10-2)^2}$$
$$= \sqrt{144+144} = 12\sqrt{2} \quad \ldots\ldots\ldots\ldots(III)$$

مان (III) ۽ (II), (I) .......... $4\sqrt{2} + 8\sqrt{2} = 12\sqrt{2}$

∴ d(A, B) + d(B, C) = d(A, C)

∴ A, B, C اِهي هم ليڪ ٽپڪا آهن.

**مثال (3)** $P(6, -6), Q(3, -7)$ $R(3, 3)$ ڇا اِهي ٽُپڪا هم ليڪ آهن؟

**حل** :

$$PQ = \sqrt{(6-3)^2 + (-6+7)^2} \quad ..........$$

$$= \sqrt{(3)^2 + (1)^2} \quad = \sqrt{10} \quad .......... (I)$$

$$QR = \sqrt{(3-3)^2 + (-7-3)^2}$$

$$= \sqrt{(0)^2 + (-10)^2} \quad = \sqrt{100} \quad .......... (II)$$

$$PR = \sqrt{(3-6)^2 + (3+6)^2}$$

$$= \sqrt{(3)^2 + (9)^2} \quad = \sqrt{90} \quad .......... (III)$$

(I)، (II) ۽ (III) مان $\sqrt{10}$ ، $\sqrt{100}$ ، $\sqrt{90}$ ، $\sqrt{100}$ ھرسڀ کان وڏو مان آهي

$\left(\sqrt{100}\right)$ ۽ $\left(\sqrt{10}+\sqrt{90}\right)$

$\left(\sqrt{10}+\sqrt{90}\right)^2$ ۽ $\left(\sqrt{100}\right)^2$

اِنھن جي ڀيٽ ڪريو $\therefore PQ + PR \neq QR$ $\left(\sqrt{10}+\sqrt{90}\right) > \left(\sqrt{100}\right)$

$\therefore P(6, -6), Q(3, -7)$ ۽ $R(3, 3)$

اِهي هم ليڪ ٽُپڪا نہ آهن

**مثال (4)** $(-1, -1)$, $(4, 2)$, $(1, 7)$ ۽ $(-4, 4)$

چورس جا نوڪي ٽُپڪا آهن. ثابت ڪريو.

**حل** :چوڪنڊي جا جيڪڏهن چارئي پاسا ۽ اُريب ساڳيءَ ڊيگهہ وارا آهن تہ اُهو چوڪنڊو چورس آهي.

$\therefore$ $A(1, 7), B(4, 2), C(-1, -1)$ ۽ $D(-4,4)$




شڪل 5.9

$$AB = \sqrt{(1-4)^2 + (7-2)^2} = \sqrt{9+25} = \sqrt{34}$$

$$BC = \sqrt{(4+1)^2 + (2+1)^2} = \sqrt{25+9} = \sqrt{34}$$

$$CD = \sqrt{(-1+4)^2 + (-1-4)^2} = \sqrt{9+25} = \sqrt{34}$$

$$DA = \sqrt{(1+4)^2 + (7-4)^2} = \sqrt{25+9} = \sqrt{34}$$

$$AC = \sqrt{(1+1)^2 + (7+1)^2} = \sqrt{4+64} = \sqrt{68}$$

$$BD = \sqrt{(4+4)^2 + (2-4)^2} = \sqrt{64+4} = \sqrt{68}$$

$\therefore AB = BC = CD = DA$ ۽ $AC = BD$

اِن مان ظاهر آهي تہ چوڪنڊي جا چار ئي پاسا برابر آهن ۽ اُريب C ۽ AD ساڳئي ڊيگهہ جا آهن.

$\therefore$ (1,7), (4,2), (−1,−1) ۽ (−4,4)

اِهي چورس جا نوڪي ٽپڪا آهن.

مثال (5) Y- محور تي اهڙي نموني ٽپڪي جا مساوا ڳولهيو جيئن

N(3,2) ۽ M (−5,−2) کان اُهو ٽپڪو هم مفاصلي هجي.

حل : سمجهہ Y- محور تي 'P' ٽپڪي جا مساوا آهن ( O,Y)

$$\therefore PM = PN \qquad \therefore PM^2 = PN^2$$

$$\therefore [0-(-5)]^2 + [y-(-2)]^2 = (0-3)^2 + (y-2)^2$$

$$\therefore 25 + (y+2)^2 = 9 + y^2 - 4y + 4$$

$$\therefore 25 + y^2 + 4y + 4 = 13 + y^2 - 4y$$

$$\therefore 8y = -16 \quad \therefore y = -2$$

$\therefore$ 'P' ٽپڪي جا مساوا آهن ( O,-2) =

ٽپڪو (O,-2) M (-5,-2) ۽ N (3,2) کان هم مفاصلي آهي.

مثال (6) A(−3, −4), B(−5, 0), C(3, 0) اِهي $\Delta$ ABC

اهي ABC$\triangle$ جا نوڪي ٽپڪا آهن تہ ٽڪنڊي جي گرد مرڪز جا مساوا لهو.

حل : سمجهو P(a,b) اهو ABC$\triangle$ جو گرد مرڪز آهي اِهو کان هم مفاصلي آهي.

$$\therefore PA^2 = PB^2 = PC^2 \text{ .......... (I)} \qquad \therefore PA^2 = PB^2$$

$$(a+3)^2 + (b+4)^2 = (a+5)^2 + (b-0)^2$$

$$\therefore a^2 + 6a + 9 + b^2 + 8b + 16 = a^2 + 10a + 25 + b^2$$

$$\therefore -4a + 8b = 0$$

$$\therefore a - 2b = 0 \text{ .......... (II)}$$

$$PA^2 = PC^2 \text{ .......... (I)}$$

$$\therefore (a+3)^2 + (b+4)^2 = (a-3)^2 + (b-0)^2$$

$$\therefore a^2 + 6a + 9 + b^2 + 8b + 16 = a^2 - 6a + 9 + b^2$$

$$\therefore 12a + 8b = -16$$

$$\therefore 3a + 2b = -4 \text{ .......... (III)}$$



شڪل 5.10

(II) ۽ (III) مساوتون حل ڪري $\quad a = -1,\ b = -\frac{1}{2}$

$\therefore$ گرد مرڪز جا مساوا $\left(-1, -\frac{1}{2}\right)$

مثال (7) (X,Y) اِهو ٽپڪو ۽ (7,1)۽ (3,5) ڪان هم مفاصلي آهي ته ثابت ڪريو Y=X-2

حل :

$$\therefore AP = BP$$
$$\therefore AP^2 = BP^2$$
$$\therefore (x-7)^2 + (y-1)^2 = (x-3)^2 + (y-5)^2$$
$$\therefore x^2 - 14x + 49 + y^2 - 2y + 1 = x^2 - 6x + 9 + y^2 - 10y + 25$$
$$\therefore -8x + 8y = -16$$
$$\therefore x - y = 2$$
$$\therefore y = x - 2$$

مثال (8) ٽپڪو A (2,-2) ۽ ٽپڪو B $(-1, y)$ وچيرمفاصلو 5 آهي ته Y جو ملهه لهو.

حل

$$\therefore AB^2 = [(-1) - 2]^2 + [y - (-2)]^2 \ldots\ldots\ldots$$
$$\therefore 5^2 = (-3)^2 + (y+2)^2$$
$$\therefore 25 = 9 + (y+2)^2$$
$$\therefore (y+2)^2 = 16$$
$$\therefore y + 2 = \pm\sqrt{16}$$
$$\therefore y + 2 = \pm 4$$

$\therefore y = 4 - 2$ يا $y = -4 - 2$

$\therefore y = 2$ يا $y = -6$

$\therefore$ Yجي قيمت 2 يا 6- آهي.

## اَڀياس 5.1

1. ڏنل ٽپڪن وچيرمفاصلو لهو

(1) A(2, 3), B(4, 1) (2) P(−5, 7), Q(−1, 3) (3) R(0, −3), S(0, $\frac{5}{2}$)

(4) L(5, −8), M(−7, −3) (5) T(−3, 6), R(9, −10) (6) W($\frac{-7}{2}$, 4), X(11, 4)

2. هيٺ ڏنل ٽپڪا هم ليڪ آهن يا نه

(1) A(1, −3), B(2, −5), C(−4, 7) (3) L(−2, 3), M(1, −3), N(5, 4)

(2) R(0, 3), D(2, 1), S(3, −1) (4) P(−2, 3), Q(1, 2), R(4, 1)

3. X- محور تي اُهڙو ٽپڪو ڳولهيو جيڪو A(−3, 4) ۽ B(1, −4)ٽپڪن ڪان هم مفاصلي هجي.

4. P(−2, 2), Q(2, 2) ۽ R(2, 7) ڇا اِهي ڳوني ڪنڊ ٽڪنڊي جي نوڪي ٽپڪا آهن؟ جاچ ڪريو.

.5 $P(2, -2), Q(7, 3), R(11, -1)$ ۽ $S(6, -6)$

ثابت ڪريو تہ اِنهن نوڪي ٽٻڪن وارو چوڪنڊو پوروچوت پاسو چوڪنڊو آهي.

.6 $\square ABCD, D(5, -4), A(-4, -7), B(-1, 2), C(8, 5)$

ثابت ڪريو تہ پور پاسو چوڪنڊو آهي.

.7 جيڪڏهن $L(x, 7)$ ۽ $M(1, 15)$ وچم مفاصلو 10 آهي تہ X جو ملهہ لهو.

.8 $A(1, 2), B(1, 6), C(1 + 2\sqrt{3}, 4)$

ثابت ڪريو تہ اهي ٽٻڪا ٽپور پاسي ٽڪنڊي جا نوڪي ٽٻڪا آهن.



ذرا ياد ڪريو .

ٽن پوروچوت ليڪن جي انٽر چيد خاصيت :

ليڪ $l$ || ليڪ $m$ || ليڪ $n$،

ليڪون $q$ ۽ $p$ چيدڻيون آهن.

$$\therefore \frac{AB}{BC} = \frac{DE}{EF}$$




شڪل 5.11



چاڻي وٺون

## ليڪ - ٽڪر جي ورچ (Division of a line segment)




شڪل 5.12

شڪل ، $AP = 6$ ۽ $PB = 10$.

$$\therefore \frac{AP}{PB} = \frac{6}{10} = \frac{3}{5}$$

جدا لفظن ۾ : ٽٻڪو P اِهو ٽڪر AB کي 3:5 ۾ورهائي ٿو. ائين چئبو آهي ٽٻڪو جڏهن ڪنهن ٽڪر کي ڏنل ريشي ۾ورهائي ٿو تہ اُنجا مساوا ڪيئن لهبا، اِهو ڏسنداسين.

## چاڪي وٺون

### ورچ سوتر (Section formula)

شڪل 5.13 ۾ XY گراف ۾ ٽڪر AB تي ٽپڪو P، ٽڪر AB کي m:n ۾ ورهائي ٿو

سمجهو $A(x_1, y_1), B(x_2, y_2)$ ، $P(x, y)$

ٽڪر AC، ٽڪر PQ، ٽڪر BD

X- ۽ اِهي محور تي عمودي ٽڪر آهن.

$\therefore C(x_1, 0); Q(x, 0)$

$D(x_2, 0)$.

$$\therefore \left.\begin{aligned} CQ &= x - x_1 \\ QD &= x_2 - x \end{aligned}\right\} \ldots\ldots\ldots (I)$$




شڪل 5.13

ٽڪر AC || ٽڪر PQ || ٽڪر BD.

$\therefore$ (ٽن پوروچوٽ ليڪون خاصيت) $\frac{AP}{PB} = \frac{CQ}{QD} = \frac{m}{n}$

$$CQ = x - x_1 \qquad QD = x_2 - x \ldots\ldots\ldots (I)$$

$$\therefore \frac{x - x_1}{x_2 - x} = \frac{m}{n}$$

$$\therefore n(x - x_1) = m(x_2 - x)$$

$$\therefore nx - nx_1 = mx_2 - mx$$

$$\therefore mx + nx = mx_2 + nx_1$$

$$\therefore x(m + n) = mx_2 + nx_1$$

$$\therefore x = \frac{mx_2 + nx_1}{m + n}$$

اَهڙي نموني B,P,A وٽان Y-محور تي عمود ڪيڏڻ سان آسان کي ملندو.

$$y = \frac{my_2 + ny_1}{m + n}$$

$\therefore$ $A(x_1, y_1)$ ۽ $B(x_2, y_2)$ اِنهن ٽپڪن کي جوڙڻ واري ٽڪر AB کي m:n ۾ ورهائڻ واري ٽپڪي جا مساوا ٿيندا. $\left(\frac{mx_2 + nx_1}{m + n}, \frac{my_2 + ny_1}{m + n}\right)$

## مڊيم - ٽپڪو سوتر (Mid-point formula)

$A(x_1, y_1)$ ۽ $B(x_2, y_2)$ انهن ٻنهي ٽپڪن جي ٽڪر AB جو مڊيم ٽپڪو $P(X,Y)$ آهي تہ m=n هاڻي ورڇ سوتر موجب x ۽ y جا ملهہ لهون.




شڪل 5.14

$$x = \frac{mx_2 + nx_1}{m+n}$$

$$= \frac{mx_2 + mx_1}{m+m} \qquad \because \; m = n$$

$$= \frac{m(x_1 + x_2)}{2m}$$

$$= \frac{x_1 + x_2}{2}$$

$$y = \frac{my_2 + ny_1}{m+n}$$

$$= \frac{my_2 + my_1}{m+m} \qquad \because \; m = n$$

$$= \frac{m(y_1 + y_2)}{2m}$$

$$= \frac{y_1 + y_2}{2}$$

$\therefore$ P اِن مڊيم ٽپڪي جا مساوا آهن $\left(\frac{x_1+x_2}{2}, \frac{y_1+y_2}{2}\right)$ اِن کي مڊيم ٽپڪو سوتر چئبو آهي.

اَسان اڳئين درجي ۾ ٻن منتق عددن a ۽ b عدد ليڪ تي ڏيکاري اُنجو مڊيم ٽپڪو $\frac{a+b}{2}$ سمجهايو . اِهو نتيجو اَلڳہ آهي.

### حل ڪيل مثال

مثال (1) A(3,5) ,B(7,9) ٽپڪو Q اِهو ٽڪر AB کي 2:3 ۾ ورهائي ٿو تہ Q جا مساوا لهو.

حل : ڏنل مثال موجب $(x_1, y_1) = (3, 5)$

$(x_2, y_2) = (7, 9)$

$m : n = 2:3$

ورڇ سوتر موجب

$$x = \frac{mx_2 + nx_1}{m+n} = \frac{2\times7+3\times3}{2+3} = \frac{23}{5}$$

$$y = \frac{my_2 + ny_1}{m+n} = \frac{2\times9+3\times5}{2+3} = \frac{33}{5}$$

$\therefore$ Q جا مساوا آهن $\left(\frac{23}{5}, \frac{33}{5}\right)$

**مثال (2)** $A(-4,2)$ $B(6,2)$ ۾ اِهو AB جو مذيہ ٽپڪو آهي تہ P جا مساوا لهو

**حل** :




**شڪل 5.15**

$P(x, y)$ سمجهو $(-4, 2) = (x_1, y_1)$ ; $(6, 2) = (x_2, y_2)$

∴ مذيہ -ٽپڪو سوتر موجب ،

$$x = \frac{x_1 + x_2}{2} = \frac{-4+6}{2} = \frac{2}{2} = 1$$

$$y = \frac{y_1 + y_2}{2} = \frac{2+2}{2} = \frac{4}{2} = 2$$

∴ سمجهو P جا مساوا آهي (1,2)



**ذرا ياد ڪريو**

آسان کي ڄاڻ آهي تہ ٽڪنڊي جا مذيان هم ڇيدي هوندا آهن مرڪز (مذيان ڇيدي ٽپڪو) (centroid) 2:1 اِهو مذيان کي ورهائيندو آهي.



**ڄاڻي وٺون**

## مرڪز سوتر (Centroid formula)

ٽڪنڊي جي ٽنهي نوڪي ٽپڪن جا مساوا مليل هجن تہ مفاصلو سوتر موجب موڪز جا مساوا ڪڍب لهبا, اِهو سکنداسين.

سمجهو $A(x_1, y_1)$, $B(x_2, y_2)$, $C(x_3, y_3)$




**شڪل 5.16**

اِهي △ABC جا نوڪي ٽپڪا اهن.

ٽڪر AD مذيان آهي

G(X,Y) اِهو موڪز آهي.

ٽپڪو D اِهو BC جو مذيہ ٽپڪو آهي.

∴ ٽڪي D جا مساوا ......... $x = \frac{x_2 + x_3}{2}, \quad y = \frac{y_2 + y_3}{2}$

G اِهو مرڪز آهي. $\therefore AG : GD = 2 : 1$

∴ ورڇ سوتر موجب،

$$x = \frac{2\left(\frac{x_2 + x_3}{2}\right) + 1 \times x_1}{2+1} = \frac{x_2 + x_3 + x_1}{3} = \frac{x_1 + x_2 + x_3}{3}$$

$$y = \frac{2\left(\frac{y_2 + y_3}{2}\right) + 1 \times y_1}{2+1} = \frac{y_2 + y_3 + y_1}{3} = \frac{y_1 + y_2 + y_3}{3}$$

مطلب $(x_1, y_1), (x_2, y_2), (x_3, y_3)$ ان ٽڪنڊي جي مرڪز جا مساوا ٿيندا

$$\left(\frac{x_1 + x_2 + x_3}{3}, \frac{y_1 + y_2 + y_3}{3}\right)$$

ان کي مرڪز سوتر چئبو آهي.



**اِهو ڌيان ۾ رکو**

- **ورڇ سوتر**

  $(x_1, y_1)$ ۽ $(x_2, y_2)$ اِنهن ٻن ٽڪي کي جوڙڻ واري ٽڪر کيm:n ۾ورهائڻ واري ٽڪي جا مساوا ٿيندا. $\left(\frac{mx_2 + nx_1}{m+n}, \frac{my_2 + ny_1}{m+n}\right)$

- **مڌيہ ٽڪو سوتر**

  $(x_1, \ y_1)$ ۽ $(x_2, \ y_2)$ انهن کي ملائيندڙ ٽڪر جي مڌيہ ٽڪي جا مساوا ٿيندا

  $$\left(\frac{x_1 + x_2}{2}, \frac{y_1 + y_2}{2}\right)$$

- **مرڪز سوتر**

  $(x_1, y_1), (x_2, y_2)$ ۽ $(x_3, y_3)$انهن نوکي ٽڪن واري ٽڪنڊي جي مرڪز جا مساوا ٿيندا

  $$\left(\frac{x_1 + x_2 + x_3}{3}, \frac{y_1 + y_2 + y_3}{3}\right)$$

مثال (1)   A(-7,4)   ۽   B(-6,-5)

اِنهن ۾ ٽپڪو T اِهو ٽڪر AB کي 7:2 ۾ ورهائي ٿو. تہ T جا مساوا لهو.

حل   :   سمجهو تہ T جا مساوا (X,Y) آهن

∴ ورچ سوتر اَنوسار ،

$$x = \frac{mx_2 + nx_1}{m+n} = \frac{7\times(-6)+2\times(-7)}{7+2}$$

$$= \frac{-42-14}{9} = \frac{-56}{9}$$

$$y = \frac{my_2 + ny_1}{m+n} = \frac{7\times(-5)+2\times(4)}{7+2}$$

$$= \frac{-35+8}{9} = \frac{-27}{9} = -3$$

∴ T جا مساوا آهن. $\left(\frac{-56}{9}, -3\right)$




شڪل 5.17

مثال (2)   ٽپڪو P(-4, 6)   A(-6, 10)   B(r, s)   T اِهو ٽڪر AB کي 2:1 ۾ ورهائي ٿو.

تہ B جا مساوا لهو. سمجهو تہ T جا مساوا (X,Y) آهن

حل   :   ورچ سوتر اَنوسار

$$-4 = \frac{2 \times r + 1 \times (-6)}{2 + 1}$$

$$\therefore \quad -4 = \frac{2r - 6}{3}$$

$$\therefore \quad -12 = 2r - 6$$

$$\therefore \quad 2r = -6$$

$$\therefore \quad r = -3$$

$$6 = \frac{2 \times s + 1 \times 10}{2 + 1}$$

$$\therefore \quad 6 = \frac{2s + 10}{3}$$

$$\therefore \quad 18 = 2s + 10$$

$$\therefore \quad 2s = 8$$

$$\therefore \quad s = 4$$

∴ B جا مساوا آهن (-3,4)

(3)   A (15,5)   ۽   B (9,20) ۾ A-P-B ۾ P (11,15) آهي تہ P اهو AB کي ڪهڙي ريشي ۾ ورهائي ٿو؟

حل : سمجهہ P (11,15) کي AB کي m:n ۾ ورهائي ٿو .

ورچ سوتر اَنوسار

ساڳئي نموني Y- مساوو ڪٽي ريشو لهو نتيجو لکو.

$$x = \frac{mx_2 + nx_1}{m+n}$$

$$\therefore\ 11 = \frac{9m + 15n}{m+n}$$

$$\therefore\ 11m + 11n = 9m + 15n$$

$$\therefore\ 2m = 4n$$

$$\therefore\ \frac{m}{n} = \frac{4}{2} = \frac{2}{1}$$

$$\therefore\ m:n = 2 = 1$$

**مثال (4)** A(2,-2) ۽ B(-7,4) اِنهن ٽپڪن کي ملائيندڙ ٽڪر کي ٽڏڪ ڪندڙ ٽپڪن جا مساوا لهو.
(ٽڪر کي ٽن حصن ۾ ورهائڻ واري ٽپڪي کي ٽڏڪ چئبو آهي)

**حل** : سمجهو ته ٽپڪا P ۽ Q اِهي AB ٽڪر کي ٽن حصن ۾ ورهائيندڙ آهن.

$$AP = PQ = QB \ .......... \ (I)$$

$$\frac{AP}{PB} = \frac{AP}{PQ+QB} = \frac{AP}{AP+AP} = \frac{AP}{2AP} = \frac{1}{2} \ .......... \ (I)$$

ٽپڪو P ٽڪر AB کي 1:2 ورهائي ٿو




**شڪل 5.18**

$$P \text{ جو X مساوو} = \frac{1\times(-7)+2\times 2}{1+2} = \frac{-7+4}{3} = \frac{-3}{3} = -1$$

$$P \text{ جو Y مساوو} = \frac{1\times 4+2\times(-2)}{1+2} = \frac{4-4}{3} = \frac{0}{3} = 0$$

$\frac{AQ}{QD} = \frac{2}{1}$ ساڳئي نموني Q اِهو AB کي 2:1 ۾ ورهائي ٿو.

$$Q \text{ جو X مساوو} = \frac{2\times(-7)+1\times 2}{2+1} = \frac{-14+2}{3} = \frac{-12}{3} = -4$$

$$Q \text{ جو Y مساوو} = \frac{2\times 4+1\times -2}{2+1} = \frac{8-2}{3} = \frac{6}{3} = 2$$

∴ P ۽ Q مساوا آهن (−1, 0)، (−4, 2)

وڌيڪ ڄاڻ لاءِ :

A ۽ B ٽِڪن کي جوڙيندڙ ٽڪر AB جي ٻاهرين ورڇ ڪيئن ٿيندي آهي.

$A(-4, 6), B(5, 10)$

ان ٽڪر AB کي 3:2 ۾ ٻاهريان ورڇ ڪندڙ ٽِڪي جا مساوا ڪيئن لهبا.

$\frac{AP}{PB} = \frac{3}{1}$ AB اِهو وڏو آهي، اِنڪري A-B-P




شڪل 5.19

$\frac{AP}{PB} = \frac{3}{1}$ $AP = 3k, BP = k, AB = 2k$

$\therefore \frac{AB}{BP} = \frac{3}{2}$

هاڻي ٽِڪو B ٽڪر AP کي 3:2 ۾ ورهائي ٿو A ۽ B جا مساوا خبر آهن تہ P جو مساوو لهي سگهندا سين

## اَڀياس 5.2

1. جيڪڏهن P اِهو A(-1,7) ۽ B(4-3) جي ٽڪر AB کي 2:3 ۾ ورهائي ٿو تہ P جا مساوا لهو.

2. هيٺ مثالن ۾ ٽڪر PQ کي A ٽِڪو a:b ۾ ورهائي ٿو تہ A جا مساوا لهو.

(1) $P(-3, 7), Q(1, -4), a : b = 2 : 1$

(2) $P(-2, -5), Q(4, 3), a : b = 3 : 4$

(3) $P(2, 6), Q(-4, 1), a : b = 1 : 2$

3. P-T-Q ۾ T(1,6) اِهو ٽِڪو (-3,10) ۽ Q(6,-8) کي ملائيندڙ ٽڪر کي ڪهڙي ريشي ۾ ورهائي ٿو؟

4. ٽڪر AB گول جو قطر آهي ٽِڪو P مرڪز آهي A(2,-3) ۽ (-2,0) تہ B جا مساوا لهو.

5. (A(2,-3) ۽ B(1,2)، AB ٽڪر کي P(K,7) ڪهڙي ريشي ۾ ورهائي ٿو؟ K جو ملهہ لهو.

6. (22,20) ۽ (0,16) ٽِڪن کي ملائيندڙ ٽڪر جي مڌيہ - ٽِڪي جا مساوا لهو.

7. هيٺ ڏنل ٽڪنڊن ۾ مرڪزڪ جا مساوا لهو

(1) $(-7, 6), (2, -2), (8, 5)$

(2) $(3, -5), (4, 3), (11, -4)$

(3) $(4, 7), (8, 4), (7, 11)$

8. $\triangle ABC$ ۾ مرڪز $G(-4,7)$ آهي، $A(-14,-19)$ ، $B(3,5)$ آهي تہ $C$ جا مساوا لهو.

9. مرڪز $(1,5)$ هوندڙ ٽڪنڊي ۾ $(h,-6)$، $(2,3)$ ۽ $(-6,K)$ نوڪي ٽپڪا آهن تہ $h$ ۽ $k$ جا ملهہ لهو.

10. $A(2,7)$، $B(-4,-8)$ اِن ٽڪر $AB$ جي ٽڏڪ جا مساوا لهو.

11. $A(-14,-10)$ اِن ٽڪر $B(6,-2)$ ان ٽڪر $AB$ کي چئن برابر حصن ۾ ورهائڻ وارن ٽپڪن جا مساوا لهو.

12. $A(-20,10)$، $B(0,-20)$ اِن ٽڪر $AB$ کي پنجن برابر حصن ۾ ورهائڻ وارن ٽپڪن جا مساوا لهو.

## چاڙهي وٺون

### ليڪ جو لاهہ (Slope of a line)

شما اِسڪول سائيڪل تي پيئي وڃي سڌو رستو ختم ٿيڻ تي جڏهن چڙهائي شروع ٿي تہ هوءَ هيٺ لهي پيئي. فاتما ڪارڻ پڇيو تڏهن شما جواب ڏنو تہ هاڻي سڌو رستو پورو ٿيو آهي. چڙهائي شروع ٿي آهي. چڙهائيءَ واري رستي پئدل هلائڻ ۾ ڏاڍي محنت ڪرڻي پوندي آهي. چڙهائي ۾ رستي تي هلڻ ۾ اَسان ڌرتيءَ جي ڪشش زور مخالف هلون ٿا. اِهو سائنس ۾ پڙهيو آهي. مساوي جاميٽري ۾ ليڪ جو لاهہ هڪ اَهميت رکندڙ آهي اِن بابت اَسان سمجهنداسين.



**مشغولي I :**

پرواري شڪل ۾ $A(-2,-5)$، $B(0,-2)$، $C(2,1)$، $D(4,4)$، $E(6,7)$ اهي ٽپڪا ليڪ $l$ مٿان آهن. اِنهن مساون کي واپرائي هيٺ ٽيبل جاچيو.




شڪل 5.20

| $\frac{y_2-y_1}{x_2-x_1}$ | ٻئي ٽٻڪي وارا جا مساوا $(x_2, y_2)$ | پهرين ٽٻڪي جا مساوا $(x_1, y_1)$ | ٻيو ن ٽٻڪو | پهريون ٽٻڪو | نمبر |
|---|---|---|---|---|---|
| $\frac{7-1}{6-2} = \frac{6}{4} = \frac{3}{2}$ | (6, 7) | (2, 1) | E | C | 1 |
| $\frac{4-(-5)}{4-(-2)} = \frac{9}{6} = \frac{3}{2}$ | (4, 4) | (-2, -5) | D | A | 2 |
| $\frac{-5-4}{-2-4} = \frac{-9}{-6} = \frac{3}{2}$ | (-2, -5) | (4, 4) | A | D | 3 |
| -- | -- | -- | C | B | 4 |
| -- | -- | -- | A | C | 5 |
| -- | -- | -- | C | A | 6 |

ٽيبل ۾ ٻڇيل چوڪنڊا پري ٽيبل مڪمل ڪريو. اِن مان ليڪ $l$ مٿان ٻين ٽٻڪن جون جوڙيون ڪٽو ۽ هرهڪ جوڙي ۾ $\frac{y_2-y_1}{x_2-x_1}$ جاچيو

اِن مشغوليءَ مان ظاهر آهي تہ ليڪ $l$ ۾ $(x_1, y_1)$ ۽ $(x_2, y_2)$
اِنهن ڪهڙن بہ ٻن ٽٻڪن جي موجودگيءَ ۾ $\frac{y_2-y_1}{x_2-x_1}$ ريشو مقرر آهي

ليڪ $l$ ۾ $(x_1, y_1)$ ۽ $(x_2, y_2)$ ٻہ ٽٻڪا هوندا $\frac{y_2-y_1}{x_2-x_1}$ کي ليڪ جو لاهہ چئبو آهي. اِهو $m$ اکر وسيلي ڏيکاربو آهي.

$$\therefore \quad m = \frac{y_2-y_1}{x_2-x_1}$$

اچو تہ چرچا ڪريون

**مشغولي II :**

ليڪ $l$ ليڪ t ۽ ليڪ n تي ڪجھہ ٽيڪا ڏنل آهن اُنهن ٽپڪن وسيلي ليڪن جا لاهہ لهو توهان کي ڏيان ۾ رکڻو آهي.




شڪل 5.21

(1) ليڪ $l$ ۽ ليڪ t جو لاهہ واڌو آهي.

(2) ليڪ n جو لاهہ ڪاٿو آهي.

(3) ليڪ t جو لاهہ ليڪ $l$ کان وڌيڪ آهي.

(4) X- محور جي واڌو طرف سوڙهي ڪنڊ ٺاهڻ وارين ليڪن $l$ ۽ t جا لاهہ واڌو آهن.

(5) X- محور جي واڌو طرف ويڪري ڪنڊ ٺاهيندڙ ليڪ n جو لاهہ ڪاٿو آهي

X- محور، Y-محور ۽ محورن جي پورويڇوٽ ليڪن جو لاهہ




شڪل 5.22

شڪل 5.22 ۾ ، $(x_1, 0)$ ۽ $(x_2, 0)$ اِهي X-محور جا بہ ٽپڪا آهن.

X-محور جو لاهہ $= 0 = \dfrac{0 - 0}{x_2 - x_1}$

ساڳئي نموني، $(0, y_1)$ ۽ $(0, y_2)$ اِهي Y-محور جا بہ ٽپڪا آهن.

$= \dfrac{y_2 - y_1}{0} = \dfrac{y_2 - y_1}{0 - 0} =$ Y- محور جو لاهہ

پر O سان ونڊ نہ ٿي ڪري سگھجي اِنڪري Y-محور جو لاهہ مقرر ڪري نہ ٿو سگھجي اَهڙي نموني f ليڪ $l$ وانگر X محور جي پورويڇوٽ ليڪن جو لاهہ ڪڍو. ليڪ m وانگر Y محور جي پورويڇوٽ ليڪن جو لاهہ لهي نٿو سگھجي.

ليڪ جو لاهہ :

ٽڪنڊن جي هڪ جهڙائي ريشو واپرائي : پر واري شڪل ۾ $P(x_1, y_1)$ $Q(x_2, y_2)$

اهي ليڪ $l$ مٿان آهن ليڪ $l$ اِها Xمحور کي ٽپڪي T وٽ ڪپي ٿي X- محور ⊥ ٽڪر QS ٽڪر PR ⊥ ٽڪر QS

∴ ٽڪر TS || ٽڪر PR

$\therefore\ QR = y_2 - y_1$ ۽ $PR = x_2 - x_1$

$$\therefore \quad \frac{QR}{PR} = \frac{y_2 - y_1}{x_2 - x_1} \; .......... \; (I)$$

ليڪ TQ اِها X- محور تي θ ڪنڊ ٺاهي ٿي

$$\therefore \quad \frac{QR}{PR} = \tan\theta \; .......... \; (II)$$

$\therefore$ (I) ۽ II) مان , $\frac{y_2 - y_1}{x_2 - x_1} = \tan\theta$

$\therefore \quad m = \tan\theta$




شڪل 5.23

نسبتي ڪنڊون .......... $\therefore \quad \angle QPR = \angle QTS$

ان مان ليڪ جيڪا واڌو طرف X- محور جي ڪنڊ ٺاهي ٿي اُن جو ٽئن ريشو اُن ليڪ جو لاهه آهي اِها لاهه جي وصف آهي ۽ ليڪون جن جو لاهه ساڳيو هجي اُهي X- محور جي واڌو طرف برابر ڪنڊون ٺاهين ٿيون اُهي ليڪون پورچوٽ هونديون آهن.

## پورچوٽ ليڪن جو لاهه (Slope of parallel lines)

مشغولي: شڪل 5.24 ۾ ليڪ $l$ ليڪ t اِهي ٻيئي ليڪون X- محور جي واڌو طرف θ ڪنڊ ٺاهين ٿيون.

$\therefore$ ليڪ t || ليڪ $l$ (نسبتي ڪنڊون)

ليڪ $l$ مٿان ٽٻڪو A(-3,0) ۽ B(0,3)

آهي سوچيو ليڪ AB جو لاهه ڪيو.

ليڪ AB جو لاهه $= \frac{y_2 - y_1}{x_2 - x_1}$

$$= \frac{\square - \square}{\square - \square} = \frac{\square}{\square}$$

$= \square$




شڪل 5.24

اهڙي نموني ليڪ $l$ مٿان سولو ٽٻڪو ڪٽي اُن جو لاهه لهو. اَهڙي نموني پورچوٽ ليڪن جو لاهه ساڳيو هوندو آهي توهان چڪاس ڪري سگهندا.

هاڻي هتي $\theta = 45^\circ$

لاهہ : $m = \tan\theta$ استعمال ڪري ٻنهي پورروچوٽ ليڪن جو لاهہ ساڳيو آهي. اِهو جاچي ڏسو اَهڙي نموني $\theta = 30^\circ$ ۽ $\theta = 60^\circ$ ڪٽي پورروچوٽ ليڪن جا لاهہ ساڳيا هوندا آهن. اِن جي چڪاس ڪريو.



**اِهو ڌيان ۾ رکو**

X- محور يا X- محور جي پورروچوٽ ليڪ جو لاهہ ٻڙي هوندو آهي.
Y- محور يا Y- محور جي پورروچوٽ ليڪ جو لاهہ اڻ وصفيل آهي.

## حل ٿيل مثال

مثال (1) $A(-3, 5)$ ۽ $B(4, -1)$ اِنهن ٽيڪن مان لنگهندڙ ليڪ جو لاهہ لهو.

حل : سمجهو $y_2 = -1$ ، $y_1 = 5$ ، $x_2 = 4$ ، $x_1 = -3$ ،

$$\therefore \frac{-6}{7} = \frac{-1-5}{4-(-3)} = \frac{y_2 - y_1}{x_2 - x_1} = \text{ليڪ AB جو لاهہ}$$

مثال (2) $P(-2, 3), Q(1, 2), R(4, 1)$ هم ليڪ آهن ثابت ڪريو.

حل : $P(-2, 3)$، $Q(1, 2)$ ۽ $R(4, 1)$

$$\text{ليڪ PQ جو لاهہ} = -\frac{1}{3} = \frac{2-3}{1-(-2)} = \frac{y_2 - y_1}{x_2 - x_1}$$

$$\text{ليڪ QR جو لاهہ} = -\frac{1}{3} = \frac{1-2}{4-1} = \frac{y_2 - y_1}{x_2 - x_1}$$

ليڪ PQ ۽ ليڪ QR جا لاهہ ساڳيا آهن . پر ٽيڪوQٻنهي ليڪن تي آهي ٻئي ليڪون هڪ ئي آهن R,Q,P هم ليڪ آهن .

مثال(3) جيڪڏهن $P(k, 0)$ ۽$Q(-3, -2)$، ٻنهي ٽيڪن مان لنگهندڙ ليڪ جو لاهہ $\frac{2}{7}$ جو لاهہ k جو ملهہ

حل : $Q(-3, -2)$ ۽ $P(k, 0)$

$$\text{ليڪ PQ جو لاهہ} = \frac{-2}{-3-k} = \frac{-2-0}{-3-k}$$

$$\therefore \frac{-2}{-3-k} = \frac{2}{7} \qquad \therefore k = 4$$

مثال **(4)** A (6, 1), B (8, 2), C (9, 4) ۽ D (7, 3) اهي ABCD □ جا نوڪي ٽڪا اهن ثابت ڪريو ABCD □ پوروچوٽ پاسو چوڪندو آهي.

حل : توهان کي ڄاڻ آهي ليڪ جو الاهه = $\frac{y_2 - y_1}{x_2 - x_1}$

ليڪ AB جو لاهه = $\frac{2-1}{8-6} = \frac{1}{2}$ .......... (I) ليڪ AB جو لاهه

ليڪ BC جو لاهه = $\frac{4-2}{9-8} = 2$ .......... (II) ليڪ BC جو لاهه

ليڪ CD جو لاهه = $\frac{3-4}{7-9} = \frac{1}{2}$ .......... (III) ليڪ CD جو لاهه

ليڪ DA جو لاهه = $\frac{3-1}{7-6} = 2$ .......... (VI) ليڪ DA جو لاهه

AB جو لاهه = ليڪ CD جو لاهه .......... (I) ۽ (III) مان

∴ليڪ AB || ليڪ CD

ليڪ BC جو لاهه = ليڪ DA جو لاهه ........ (II) ۽ (VI) مان

∴ليڪ BC || ليڪ DA

∴ ABCD □ هڪ پوروچوٽ پاسو چوڪندو

## اَپياس 5.3

1. X- محور جي واڌو طرف ليڪن جي تهيل ڪنڊ ڏنل اهي. اُنهن ليڪن جو لاهه لهو

(1) 45° (2) 60° (3) 90°

2. هيٺ ڏنل ٽڪن مان لنگهندڙ ليڪ جو لاهه لهو.

(1) A (2, 3) ۽ B (4, 7) (2) P (−3, 1) ۽ Q (5, −2)

(3) C (5, −2) ۽ D (7, 3) (4) L (−2, −3) ۽ M (−6, −8)

(5) E(−4, −2) ۽ F (6, 3) (6) T (0, −3) ۽ S (0, 4)

3. هيٺ ڏنل ٽڪا هم ليڪ آهن يا نہ لاهه ڪڍي چڪاس ڪريو.

(1) A(−1, −1), B(0, 1), C(1, 3) (2) D(−2, −3), E(1, 0), F(2, 1)

(3) L(2, 5), M(3, 3), N(5, 1) (4) P(2, −5), Q(1, −3), R(−2, 3)

(5) R(1, −4), S(−2, 2), T(−3, 4) (6) A(−4, 4), K(−2, $\frac{5}{2}$), N(4, −2)

4. ٽڪنڊي جا ٽي ٽڪا A (1, −1),B (0, 4),C (−5, 3) آهن تہ هرهڪ پاسي جو لاهه لهو.

5. D (5, −4), A (−4, −7),B (−1, 2), C (8, 5) ثابت ڪريو اهي ABCD پوروچوٽ پاسي چوڪندي جا نوڪي ٽڪا آهن.

6. $R(1, -1)$ ۽ $S(-2, k)$ ۾ ليڪ RS جو لاهه 2- آهي تہ k جو ملهہ لهو.

7. $B(k, -5)$ ۽ $C(1, 2)$ اِن ليڪ جو لاهه 7 آهي تہ k جو ملهہ لهو.

8. ليڪ PQ || ليڪ RS $P(2, 4), Q(3, 6), R(3, 1)$ ۽ $S(5, k)$ آهي تہ k جو ملهہ لهو.

## گڏيل اڀياس 5

1. مناسب متبدل چونڊي خال ڀريو

(1) ليڪ AB، Y محور جي پوروچوٽ آهي $A(1,3)$ آهي تہ B جا مساوا ......... ٿيندا.

(A)(3,1) (B)(5,3) (C)(3,0) (D)(1,−3)

(2) هيٺين مان ...............ٽپڪو X-محور جي واڌو طرف آهي.

(A)(−2,0) (B)(0,2) (C)(2,3) (D)(2,0)

(3) (-3,4)ٽپڪي جو منڍ ٽپڪي کان مفاصلو ...... آهي

(A)7 (B) 1 (C) 5 (D)−5

(4) هڪ ليڪ X- جي واڌو طرف $30°$ ڪنڊ ٺاهي ٿي اُن ليڪ جو لاهه ..... ٿيندو.

(A) $\frac{1}{2}$ (B) $\frac{\sqrt{3}}{2}$ (C) $\frac{1}{\sqrt{3}}$ (D) $\sqrt{3}$

2. هيٺ ڏنل ٽپڪا هم ليڪ آهن يا نہ

(1) $A(0,2)$ , $B(1,-0.5)$, $C(2,-3)$

(2) $P(1, 2)$ , $Q(2, \frac{8}{5})$ , $R(3, \frac{6}{5})$

(3) $L(1,2)$ , $M(5,3)$ , $N(8,6)$

3. (0,6) ۽ (12,20) کي جوڙيندڙ ٽڪر جي مڌيہ ٽپڪي جا مساوا لهو.

4. A(3,8) ۽ B(-9,3) جوڙيندڙ ٽڪر کي Y محور تي ڪهڙي ريشي ۾ ورهائي ٿو؟

5. X- محور تي هڪ ٽپڪو ڳولهيو جيئن اُهو P(2,3) ۽ Q(-2,9) کان هم مفاصلي هجي.

6. هيٺ ڏنل ٽپڪن وچ ۾ مفاصلو لهو.

(1) $A(a, 0)$, $B(0, a)$ (2) $P(-6, -3)$, $Q(-1, 9)$ (3) $R(-3a, a)$, $S(a, -2a)$

7. هڪ ٽڪنڊي جا نوڪي ٽپڪا (3,1-),(0,-2),(1,3) آهن تہ ٽڪنڊي جو مرڪز جا مساوا لهو.

.8 هيٺ ڏنل ٽپڪن کي جوڙيندڙ ٽڪرن مان ٽڪنڊو تيار ٿي سگهي ٿو ڇا؟ ٽڪنڊو تيار ٿيڻ تي پاسن جي آڌار تي اُن جو قسم لکو.

(1) L (6,4) , M (−5,−3) , N (−6,8)

(2) P (−2,−6) , Q (−4,−2), R (−5,0)

(3) A ( $\sqrt{2}$ , $\sqrt{2}$ ), B ( $-\sqrt{2}$ , $-\sqrt{2}$ ), C ( $-\sqrt{6}$ , $\sqrt{6}$ )

.9 جيڪڏهن (-12,-3) ۽ (4,k) اِن ليڪ جو لاهه $\frac{1}{2}$ ته k جو ملهه لهو.

.10 A(4, 8) ، B(5, 5) انهن ٽپڪن کي ملائيندڙ ليڪ C(2,4) ، D(1,7)
اِنهن ٽپڪن کي ملائيندڙ جي پوروچوٽ آهي اِهو ثابت ڪريو.

.11 ثابت ڪريو ته P(1,−2), Q(5,2), R(3,−1), S(−1,−5) پوروچوٽ پاسي چوڪنڊي جا نوڪي ٽپڪا آهن.

.12 P(2,1), Q(−1,3), R(−5,−3) ۽ S(−2,−5) آهي □PQRS ثابت ڪريو مستطيل آهي.

13. A (−1, 1), B (5, −3) ۽ C (3, 5) نوڪي ٽپڪن واري ٽڪنڊي جا مڌيان، اُنهن جا مساوا لهو.

★.14 D (−7, 6), E (8, 5) ۽ F (2, −2) اهي ٽڪنڊي جي پاسن جا مڌيه ٽپڪا آهن
ته اُن ٽڪنڊي جي مرڪزڪ جا مساوا لهو.

.15 A(4, −1), B(6, 0), C(7, −2) ۽ D(5, −3) ثابت ڪريو □ABCD چورس آهي.

.16 A(7, 1), B(3, 5) ۽ C(2, 0) ٽپڪن واري ٽڪنڊي جي گود مرڪز جا مساوا لهو.

.17 A(4,−3) ۽ B(8,5)، ٽڪرAB کي 3:1 ۾ ورهائيندڙ ٽپڪي جا مساوا لهو.

★.18 A(−4, −2), B(−3, −7) C(3, −2) ۽ D(2, 3) اِنهن ٽپڪن کي نمبروار جوڙڻ
سان تيار ٿيل ABCD چوڪنڊي جو قسم لکو.

★.19 ٽڪرAB ٽپڪا P, Q, R ۽ S کي پنجن برابر حصن ۾ ورهائين ٿا
A−P−Q−R−S−B ۽ Q(12, 14), S(4, 18) آهي ته A, P, R ۽ B جا مساوا لهو.

.20 P (6,−6), Q (3,−7) ۽ R (3,3) مان لنگهندڙ گول جي مرڪز جا مساوا ڪڍو.

★.21 پوروچوٽ پاسي چوڪنڊي جا ٽي نوڪي ٽپڪا A (5,6), B (1,−2) ۽ C (3,−2)
آهن ته چوٿين ٽپڪي جا ممڪن مساوان جون جوڙيون لکو.

.22 A (1,7), B (6,3) C (0,−3) ۽ D (−3,3) ۾ هرهڪ اُريب جا مساوا لهو.

RJ8TN7

# 6 علم مثلث

## اچو تہ سکون

- علم مثلث ريشا
- بلندي ۽ ترائي ڪنڊ
- علم مثلث سمانتا
- اوچائي ۽ مفاصلو - مثال

## ذرا ياد ڪريو

.1 پرواري شڪل جاچي خال ڀريو




شڪل 6.1

$\sin\theta = \frac{\square}{\square}$ ، $\cos\theta = \frac{\square}{\square}$ ،

$\tan\theta = \frac{\square}{\square}$

.2 لاڳاپا پورا ڪريو

(i) $\frac{\sin\theta}{\cos\theta} = \square$

(ii) $\sin\theta = \cos(90 - \square)$

(iii) $\cos\theta = \sin(90 - \square)$

(iv) $\tan\theta . \tan(90 - \theta) = \square$

.3 مساوت پوري ڪريو

$\sin^2\theta + \cos^2\theta = \square$

.4 مثلاتي ريشين جا ملهہ لکو

(i) $\sin 30^\circ = \frac{1}{\square}$ (ii) $\cos 30^\circ = \frac{\square}{\square}$ (iii) $\tan 30^\circ = \frac{\square}{\square}$

(iv) $\sin 60^\circ = \frac{\square}{\square}$ (v) $\cos 45^\circ = \frac{\square}{\square}$ (vi) $\tan 45^\circ = \square$

نائين درجي ۾ اسان گوني ڪنڊ تڪنڊي ۾ سوڙهي ڪنڊن جا مثلاتي ريشا سکيا آهن. هن سال اسان انهن ۾ اڳيا بہ وڌيڪ ريشا سکنداسين.

## چاڻي وٺون

### ڪوسيڪ، سيڪ ۽ ڪاٽ ريشا (cosec, sec and cot ratios)

سائين ڪندي جي ضرب اُبتڙ ريشو کي ڪو سيڪنٽ (cosecant) چئبو آهي اُن کي توري ۾ cosec لکبو اهي.

$$\therefore \ \text{cosec}\theta = \frac{1}{\sin\theta}$$

ساڳئي نموني ڪو سائين ۽ ٽئنجنٽ جي ضرب اُبتڙن کي نمبروار سينڪٽ (seacant) ۽ ڪو ٽئنجنٽ (cotangent) ريشيا چئبو آهي توري ۾ اُنهن کي نمبروار sec ۽ cot لکبو آهي.

$$\therefore \ \sec\theta = \frac{1}{\cos\theta} \text{ ۽ } \cot\theta = \frac{1}{\tan\theta}$$

شڪل 6.2 ۾،

$$\sin\theta = \frac{AB}{AC}$$

$$\therefore \ \text{cosec}\theta = \frac{1}{\sin\theta} = \frac{1}{\frac{AB}{AC}} = \frac{AC}{AB}$$

مطلب، $\text{cosec}\theta = \dfrac{\text{هئپاٽينيوز}}{\text{مخالف پاسو}}$

$$\tan\theta = \frac{AB}{BC}$$

$$\therefore \quad \cot\theta = \frac{1}{\tan\theta} = \frac{1}{\frac{AB}{BC}}$$

$$\frac{\text{پروارو پاسو}}{\text{مخالف پاسو}} = \cot\theta = \frac{BC}{AB}$$

$$\cos\theta = \frac{BC}{AC}$$

$$\sec\theta = \frac{1}{\cos\theta} = \frac{1}{\frac{BC}{AC}} = \frac{AC}{BC}$$

مطلب $\sec\theta = \dfrac{\text{هئپاٽينيوز}}{\text{پروارو پاسو}}$


شڪل 6.2

$$\tan\theta = \frac{\sin\theta}{\cos\theta}$$

$$\therefore \ \cot\theta = \frac{1}{\tan\theta} = \frac{1}{\frac{\sin\theta}{\cos\theta}} = \frac{\cos\theta}{\sin\theta}$$

$$\therefore \ \cot\theta = \frac{\cos\theta}{\sin\theta}$$

### اهو ڌيان ۾ رکو

مثلاتي ريشا جو پاڻ ۾ لاڳاپو

- $\frac{1}{\sin\theta} = \operatorname{cosec}\theta \quad \therefore \sin\theta \times \operatorname{cosec}\theta = 1$
- $\frac{1}{\cos\theta} = \sec\theta \quad \therefore \cos\theta \times \sec\theta = 1$
- $\frac{1}{\tan\theta} = \cot\theta \quad \therefore \tan\theta \times \cot\theta = 1$



**وڏيڪ ڄاڻ لاءِ**

مشهور ڀارت جي رياضدان آريہ ڀٽ جو جنم 476ع ۾ ڪسمپور ۾ ٿيو اِهو اِستان بهار ۾ پاٽنا شهر ويجهو هو. هن عددي شاستر، آلجبرا ، جاميٽري اِنهن علم رياض جي شاخائن جو خوب اَڀياس ڪيو. ”آريہ ڀٽيس“ گرنٿ ۾ ڪيٽرائي حسابن جا نتيجا ۽ فارمولائون لکيل آهن. مثال

(1) ارٿ ميٽڪ ۾ سلسلي ۾ 'n' پد لکڻ ۽ پهريائين n پدن جو جوڙ

(2) $\sqrt{2}$ جو ملهہ لهڻ

(3) $\pi$ 3.1416 جو ملهہ برابر لهڻ وغيرهہ ڪگول شاستر ۾ عام مثلث جو اِستعمال ڪيو. Sine Ratio جي ڪلپنا هن پهريائين اِستعمال ڪئي. جڳت ۾ حسابن جو گيان ڦهلجي، اُن جي گرنٿ جو ڀڃار سڄي ڀارت ۽ عربستان ذريعي يورپ ۾ ٿيو.

سج ڌرتيءَ جي چوگرد نہ پر ڌرتي سج جي چوگرد ڦري ٿي. اِهو ويچار ڪوپرنڪس پهريون ڀڌايو ائين مڃيو ويندو آهي پر اُن کان 1000 سال اڳ اِن هت بابت گرنٿ ۾ ڪيل آهي.

19 اپريل 1975 ۾ ڀارت پهريون اُپگرهہ پولار ۾ ڇڏيو. اُن جو نالو ”آريہ ڀٽ“ ڏئي ڀارت سرڪار برکہ رياضدان جو قدر ڪيو.

# ماپن وارن ڪنڊن جا مثلاتي ريشا

✻ $0°, 30°, 45°, 60°, 90°$

| مثلتي ريشو | ڪنڊن جي ماپ $(\theta)$ | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| | $0°$ | $30°$ | $45°$ | $60°$ | $90°$ |
| $\sin\theta$ | $0$ | $\frac{1}{2}$ | $\frac{1}{\sqrt{2}}$ | $\frac{\sqrt{3}}{2}$ | $1$ |
| $\cos\theta$ | $1$ | $\frac{\sqrt{3}}{2}$ | $\frac{1}{\sqrt{2}}$ | $\frac{1}{2}$ | $0$ |
| $\tan\theta$ | $0$ | $\frac{1}{\sqrt{3}}$ | $1$ | $\sqrt{3}$ | اڻ وصفِيل |
| $\text{cosec}\,\theta = \frac{1}{\sin\theta}$ | اڻ وصفِيل | $2$ | $\sqrt{2}$ | $\frac{2}{\sqrt{3}}$ | $1$ |
| $\sec\theta = \frac{1}{\cos\theta}$ | $1$ | $\frac{2}{\sqrt{3}}$ | $\sqrt{2}$ | $2$ | اڻ وصفِيل |
| $\cot\theta = \frac{1}{\tan\theta}$ | اڻ وصفِيل | $\sqrt{3}$ | $1$ | $\frac{1}{\sqrt{3}}$ | $0$ |



## جاچي وٺو

## مثلاتي برابريون (Trigonometrical identities)

پرواري شڪل 6.3 ۾ $\Delta$ ABC ۾ ، $\angle B = 90°$

(i) $\sin\theta = \frac{BC}{AC}$ (ii) $\cos\theta = \frac{AB}{AC}$

(iii) $\tan\theta = \frac{BC}{AB}$ (iv) $\text{cosec}\theta = \frac{AC}{BC}$

(v) $\sec\theta = \frac{AC}{AB}$ (vi) $\cot\theta = \frac{AB}{BC}$



شڪل 6.3

پايٿاگورس سڏيان موجب

$$BC^2 + AB^2 = AC^2 \; .....(I)$$

(I) کي $AC^2$ سان ونڊ ڪرڻ

$$\frac{BC^2 + AB^2}{AC^2} = \frac{AC^2}{AC^2}$$

$\therefore \quad \frac{BC^2}{AC^2} + \frac{AB^2}{AC^2} = 1$

$\therefore \quad \left(\frac{BC}{AC}\right)^2 + \left(\frac{AB}{AC}\right)^2 = 1$

$\therefore (\sin\theta)^2 + (\cos\theta)^2 = 1 \ldots.$

$\mathbf{\sin^2\theta + \cos^2\theta = 1} \ldots\ldots\ldots\ldots (II)$

$(\sin\theta)^2$ اِهو $\sin^2\theta$ ڪري لکبو آهي.

$(\cos\theta)^2$ اِهو $\cos^2\theta$ ڪري لکبو آهي.

$$\frac{\sin^2\theta}{\sin^2\theta} + \frac{\cos^2\theta}{\sin^2\theta} = \frac{1}{\sin^2\theta}$$

$\mathbf{1 + \cot^2\theta = \operatorname{cosec}^2\theta} \ldots\ldots\ldots\ldots (III)$

$$\frac{\sin^2\theta}{\cos^2\theta} + \frac{\cos^2\theta}{\cos^2\theta} = \frac{1}{\cos^2\theta}$$

$\tan^2\theta + 1 = \sec^2\theta$

$\mathbf{1 + \tan^2\theta = \sec^2\theta} \ldots\ldots\ldots (IV)$

(II), (III), ۽ (IV) اهي مثلاتي ريشا برابريون آهن

## حل ڪيل مثال

مثال (1) جيڪڏهن $\sin\theta = \frac{20}{29}$ ته $\cos\theta$ لهو

حل :

**پهريون طريقو**

اسان کي ڄاڻ آهي

$\sin^2\theta + \cos^2\theta = 1$

$\left(\frac{20}{29}\right)^2 + \cos^2\theta = 1$

$\frac{400}{841} + \cos^2\theta = 1$

$\cos^2\theta = 1 - \frac{400}{841}$

$= \frac{441}{841}$

$\therefore \cos\theta = \frac{21}{29}$ (پيو مول ڪيندي)

**ٻيو طريقو**

$\sin\theta = \frac{20}{29}$

شڪل ۾ $\sin\theta = \frac{AB}{AC}$

$\therefore AB = 20k$ ۽ $AC = 29k$

$BC = x$ (سمجهو)




شڪل 6.4

$AB^2 + BC^2 = AC^2$

$(20k)^2 + x^2 = (29k)^2$

$400k^2 + x^2 = 841k^2$

$x^2 = 841k^2 - 400k^2$

$= 441k^2$

$\therefore \quad x = 21k$

$\therefore \cos\theta = \frac{BC}{AC} = \frac{21k}{29k} = \frac{21}{29}$

مثال(2) جيڪڏهن $\sec\theta = \frac{25}{7}$ تہ $\tan\theta$ لهو

حل: طريقو I

اسان کي ڄاڻ آهي

$$1 + \tan^2\theta = \sec^2\theta$$

$$\therefore \quad 1 + \tan^2\theta = \left(\frac{25}{7}\right)^2$$

$$\therefore \quad \tan^2\theta = \frac{625}{49} - 1$$

$$= \frac{625 - 49}{49}$$

$$= \frac{576}{49}$$

$$\therefore \quad \tan\theta = \frac{24}{7}$$

طريقو II

شڪل موجب

$$\sec\theta = \frac{PR}{PQ}$$

$$\therefore \quad PQ = 7k,\ PR = 25k$$

پايٿاگورس سڌيان موجب

$$PQ^2 + QR^2 = PR^2$$

$$\therefore \quad (7k)^2 + QR^2 = (25k)^2$$

$$\therefore \quad QR^2 = 625k^2 - 49k^2 = 576k^2$$

$$\therefore \quad QR = 24k$$

هاڻي، $\tan\theta = \frac{QR}{PQ} = \frac{24k}{7k} = \frac{24}{7}$




شڪل 6.5

مثال (3) جيڪڏهن $5\sin\theta - 12\cos\theta = 0$ تہ $\sec\theta$ ۽ $\csc\theta$ جو ملهہ لهو.

حل: $5\sin\theta - 12\cos\theta = 0$

